جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 16 | خميس 10 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 27 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 329

مُلڪي سسٽم ناڪام آهي ته ڪاروباري فورم بدران پارليامينٽ ۾ ڳالهايو: بلاول جو محسن نقوي کي چئلينج

صوبن جي مسئلي تي ڪاروباري فورمن جي بدران قومي اسيمبلي ۾ بحث ٿيڻ گهرجي، پاڪستان جي سڀني مسئلن جو حل جمهوريت ۾ آهي

جيڪڏهن نظام ناڪام ٿي ويو آهي ته پوءِ قومي اسيمبلي ۾ باقاعدي بحث ٿيڻ گهرجي محسن نقوي کي ڪاروباري فورمن جي بدران پارليامينٽ ۾ اچڻ گهرجي

ڪا به هڪ سياسي پارٽي پاڪستان جي مسئلن جو حل نه ڳولي سگهي ٿي، پاڪستان جي سڀني مسئلن جو حل جمهوريت ۾ آهي

محسن نقوي کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق آهي، مان مطالبو ڪريان ٿو ته هن مسئلي تي قومي اسيمبلي ۾ بحث ڪيو وڃي، محسن نقوي گهٽ ئي پارليامينٽ ۾ ايندو آهي

نظام ڇو ناڪام ٿيو آهي؟ حل ڇا آهي؟ ان تي قومي اسيمبلي ۾ بحث ٿيڻ گهرجي، اهو نه ٿو ٿي سگهي ته ڪجهه ڪاروباري ماڻهو ملڪ جي قسمت ڏسي رهيا هجن

سڀني سياسي پارٽين کي قومي ۽ عوامي معاملن ۾ مصروف رهڻ گهرجي. نظام ۾ مسئلن تي ڪليل بحث ٿيڻ گهرجي

لنڊن (م ر) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جو چوڻ آهي ته صوبن جي مسئلي تي ڪاروباري فورمن جي بدران قومي اسيمبلي ۾ بحث ٿيڻ گهرجي، پاڪستان جي سڀني مسئلن جو حل جمهوريت ۾ آهي. لنڊن ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو چيو ته پيپلز پارٽي جو صوبن جي حوالي سان واضح موقف آهي، جيڪڏهن نظام ناڪام ٿي ويو آهي ته پوءِ قومي اسيمبلي ۾ باقاعدي بحث ٿيڻ گهرجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

لنڊن: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي

صدر زرداري جي اڄ برطانيه کان پاڪستان روانگي ملتوي

ڪراچي (رپورٽر)صدر آصف علي زرداري جي اڄ پاڪستان روانگي ملتوي ڪئي وئي، پيپلز پارٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ڪراچي ۾ اورنگي ٽائون ۾ عوامي تشدد ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي اورنگي ٽائون سيڪٽر 13 ڊي ۾ عوامي تشدد ۾ هڪ ڌاڙيل مارجي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

وزيراعظم پاران آبادگارن کي بنا رُڪاوٽ ۽ آسان شرطن تي مالي وسيلن تائين پهچ يقيني بڻائڻ جي هدايت

بينڪ ۽ مالي ادارا هارين، ايس ايم ايز ۽ هائوسنگ شعبي کي قرضن جي فراهمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن، قرضن جي فراهمي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ بينڪن جي حڪومت حوصلا افزائي ڪندي: شهباز شريف

حڪومت گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي کي سستي رهائش، هارين کي آسان شرطن تي قرض ۽ ننڍي وچولي درجي ڪاروبارن کي مالي سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم کڻي رهي آهي

زرعي شعبو ملڪ جي معيشت ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو، ان جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ قومي ذميواري آهي. وزيراعظم هارين کي بنا رڪاوٽ ۽ آسان شرطن تي مالي وسيلن تائين رسائي يقيني بڻائڻ جي هدايت

گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي لاءِ سستي رهائش جي فراهمي حڪومت جي ترجيح آهي. صوبائي چيف سيڪريٽرين کي اهڙين ملڪيتن جو جامع سروي ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي

جتي گهر ٺاهڻ جي خواهشمند ماڻهن کي "وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم" تحت بينڪن کان قرض فراهم ڪري سگهجي

وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم" لاءِ هن وقت تائين هڪ لک 47 هزار 504 درخواستون وصول ٿي چڪيون آهن، جن مان 53 هزار 127 درخواستون منظور ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ Access to Finance Plan 2026_28 بابت جائزو اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم، زرعي شعبي ۽ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (ايس ايم ايز) لاءِ فنانسنگ بابت اڳڀرائي جو جائزو ورتو. وزيراعظم چيو ته بينڪ ۽ مالي ادارا هارين، ايس ايم ايز ۽ هائوسنگ شعبي کي قرضن جي فراهمي ۾ پنهنجو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

فوجداري انصاف جي معيار جو دارومدار پيشيوراڻي جاچ ۽ معياري ثبوتن تي آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

پيشيوراڻي جاچ ۽ معياري ثبوت موثر ۽ منصفاڻو نظام فوجداري انصاف لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا

چيف جسٽس آف پاڪستان سان ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي سعد اختر پرواني ۽ ڊين نسٽ لا اسڪول محمد نواز واهلا سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات

ملاقات دوران نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ فيڊرل جڊيشل اڪيڊمي وچ ۾ اداره جاتي تعاون جي اهميت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته جاچ ۽ ثبوت گڏ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

حڪومت سادا 7 لک ميٽرڪ ٽن ڪٽڪ گهرائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪراچي ۾ ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ڪٽڪ گهرائڻ جي لاءِ عالمي ٽينڊر جاري ڪري ڇڏيو

گهرايل ڪٽڪ تازن فصلن مان حاصل ٿيل هجڻ گهرجي. عالمي سپلائرز جي طرفان گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار ميٽرڪ ٽن جي آڇ ئي قبول ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) حڪومت 7 لک 50 هزار ميٽرڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

راولپنڊي جڊيشل ڪمپليڪس مان ناليواري قانوندان ثناءُ الله ستي جو لاش هٿ

پوليس لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي

موت جا ڪارڻ جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سامهون اچي سگهندا

راولپنڊي (رپورٽر) راولپنڊي جڊيشل ڪمپليڪس ۾ پارڪ ٿيل گاڏي مان مشهور قانوندان ثناءُ الله ستي ايڊووڪيٽ جو لاش هٿ آيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪرڪ، پوليس ٽيم تي حملي ۾ هڪ اهلڪار شهيد، ٻيو زخمي

لڪي مروت(م ر) خيبر پختونخواهه جي ضلعي ڪرڪ جي شناڪئي ڊيم واري علائقي ۾ اگاري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ڌرڻ دوران حڪومت ڳالهين لاءِ رابطو ڪيو هو، تنهن هوندي به جماعت اسلامي ان وقت معذرت ڪئي هئي: حافظ نعيم

اسان ڳالهين لاءِ سنجيده آهيون ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ پنهنجون تجويزون حڪومت کي ڏئي رهيا آهيون

جيڪڏهن پيٽروليم ليوي ختم نه ڪئي وئي ۽ حڪومت ڳالهين ۾ سنجيدگي جو مظاهرو نه ڪيو ته 10 سيپٽمبر جي رات ايندڙ ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويندو

ڪراچي: جماعت اسلامي امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي(رپورٽر) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير ح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

حوثين جي حملن جو جواب، سعودي جنگي جهازن جا يمن جي مختلف علائقن تي فضائي حملا

سعودي جنگي جهازن يمن جي صوبن مارب، الجوف ۽ تعز ۾ ڪيترائي فضائي حملا ڪيا آهن

صنعا (م ر) سعودي جنگي جهازن طرفان يمن جي مختلف علائقن تي فضائي حملا ڪرڻ جا اطلاع آهن. يمني حوثين سان جڙيل ٽي وي موجب س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پير پاڳارو سنڌ جي ورهاڱي خلاف نه ڳالهائي، ان جو ڪردار به ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي آءِ جهڙو آهي: نثار کهڙو

صوبي جي معاملن بابت اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پاس ٿي چڪو آهي، جڏهن ته ريفرنڊم ڪرائڻ جو حق ڪنهن هڪ فرد کي حاصل ناهي

ريفرنڊم ڪو هڪ منٽ جو معاملو ناهي، ان لاءِ آئيني ۽ قانوني طريقيڪار موجود آهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ نثار کهڙي چيو آهي ته پير پاڳاري جو ڪردار به ايم ڪيو ايم ۽ پي ٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي کي مشينن بابت بريف ڪيو پيو وڃي

گذريل ٻن کان ٽن سالن دوران ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ اهم بهتري لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت ننڍين ويگنن ۽ وينن بابت اهم قدم کنيا آهن. جن مان پهريون ممڪن حادثن کان بچڻ لاءِ انهن گاڏين ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي ڪٽس جي استعمال تي پابندي هئي

اهي گاڏيون نه رڳو ضلعي ۽ شهر جي اندر سفر لاءِ استعمال ٿينديون آهن پر اسڪول ويندڙ ٻارن جي آمدورفت لاءِ به استعمال ٿينديون آهن. تنهن ڪري انهن جي حفاظت حڪومت جي اولين ترجيح آهي

سنڌ حڪومت سڀني لاڳاپيل گاڏين لاءِ فٽنيس سرٽيفڪيٽ لازمي قرار ڏنو آهي، ڊجيٽلائيزڊ فٽنيس سرٽيفڪيٽ ۽ روٽ پرمٽ سسٽم پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گذريل ٻن کان ٽن سالن دوران ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ اهم بهتري لاءِ ڪيترائي قدم کنيا ويا آهن. جن جو مقصد شهرين کي محفوظ، بهتر ۽ جديد سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، سنڌ اسيمبلي ۾ ڳالهائيند/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جا آپريشن، 11 دهشتگرد مارجي ويا

6 ۽ 7 سيپٽمبر تي خاران ۽ واشڪ ۾ دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪارروائيون ڪيون ويون

6 سيپٽمبر تي دهشتگردن خاران ۾ روڊ بلاڪ ڪري ٽريفڪ معطل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

جنهن تي سيڪيورٽي فورسز فوري ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جو گهيرو ڪيو، فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 8 دهشتگرد مارجي ويا

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان جي ضلعن خاران ۽ واشڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران 11 دهشتگرد مارجي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، 6 ۽ 7 سيپٽمبر تي خاران ۽ واشڪ ۾ دهشتگردن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

لاهور: جي يو آءِ ف جي سربراهه فضل الرحمان تعزيت جو اظهار ڪندي

سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل 2026 جو مسودو تيار، نئين بل ۾ ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ يونين چيئرمين جا اختيار واضح

مدو ختم ٿيڻ کانپوءِ ايندڙ مڪاني چونڊن تائين موجودا ميئر يا چيئرمين ايڊمنسٽريٽر طور ڪم جاري رکندو

سنڌ حڪومت ڪائونسل جو مدو ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ نئين مڪاني چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڏيندي

بل 2026ع جي مسودي موجب، ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين ڪائونسل جو ڪنوينر هوندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ لوڪل گورنمينٽ ترميمي بل 2026ع جو مسودو تيار ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪاپي به سامهون اچي وئي آهي. مسودي موجب، مدو ختم ٿيڻ کانپوءِ ايندڙ مڪاني چونڊن تائين موجودا ميئر يا چيئرمين ايڊمنسٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اثاثن جا تفصيل جمع نه ڪرائڻ تي زرتاج گل، صاحبزاده حامد رضا ۽ عبداللطيف نااهل قرار

اليڪشن ڪميشن اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبرن کي نااهل قرار ڏيڻ جو لکت ۾ حڪمنامو به جاري ڪري ڇڏيو

مالي سال 25_2024 جي اثاثن جا تفصيل جمع نه ڪرائڻ تي زرتاج گل، صاحبزاده حامد رضا ۽ عبداللطيف کي نااهل قرار ڏنو ويو

گوشوارن جا تفصيل جمع ڪرائڻ تائين اهي اڳوڻا قومي اسيمبلي ميمبر نااهل آهن

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن مالي سال 25_2024 جي اثاثن جا تفصيل جمع نه ڪرائڻ تي زرتاج گل، صاحبزاده حامد رضا ۽ عبداللطيف کي نااهل قرار ڏئي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبرن کي نااهل قرار ڏيڻ جو ل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پوليو ورڪرن لاءِ روزاني معاوضي ۾ 28 سيڪڙو واڌ جو اعلان

فرنٽ لائن پوليو ورڪرز جي روزاني معاوضي ۾ 28 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي

اينٽي پوليو مخالف مهم ملڪ جي 115 ضلعن ۾ 21 کان 27 سيپٽمبر تائين منعقد ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو)پاڪستان پوليو جي خاتمي واري پروگرام فرنٽ لائن ورڪرز جي روزاني معاوضي ۾ 28 سيڪڙو واڌ جو اعلان ڪيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

صدارتي آرڊيننس جي آئيني حيثيت خلاف فيصلو محفوظ

جنهن تحت قومي احتساب بيورو (نيب) جي ڪيسن ۾ جسماني رماند جي وڌ ۾ وڌ مدت 14 ڏينهن مان وڌائي 40 ڏينهن ڪئي وئي هئي

جسٽس راجا انعام امين منهاس درخواست گذار ناجي الله پاران داخل ڪيل پٽيشن تي ٻنهي ڌرين جا دلائل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو

پارليامينٽ سير حاصل بحث مباحثي کانپوءِ جسماني رماند جي وڌ ۾ وڌ مدت 90 ڏينهن مان گهٽائي 14 ڏينهن ڪئي هئي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 2024ع ۾ جاري ڪيل صدارتي آرڊيننس جي آئيني حيثيت خلاف داخل درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. جنهن تحت قومي احتساب بيورو (نيب) جي ڪيسن ۾ جسماني رماند جي وڌ ۾ وڌ مدت 14 ڏينهن مان وڌائي 40 ڏينهن ڪئي وئي هئي. جسٽس راجا انعام امين منهاس درخواست گذار ناجي الله پاران داخل ڪيل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروايون جاري

نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ، ويسٽرن سرڪل جي انٽيليجنس انٽيليجنس ان پٽ تي ناردرن بائي پاس روڊ تي وڏو آپريشن

ڪارروائي دوران ٽرالر مان لکين رپين جي ماليت جي 102 ڪلوگرام کان وڌيڪ اعليٰ معيار جي چرس ۽ 9 ڪلوگرام برف (ميٿمفيٽامائن) هٿ ڪئي وئي

ڪروڙين رپين جي ماليت جي 102 ڪلوگرام کان وڌيڪ اعليٰ معيار جي چرس ۽ 9 ڪلوگرام برف (ميٿمفيٽامائن) هٿ ڪئي

سنڌ جي نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ، منشيات جي اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ٽرالر نمبر TLK_038 کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو

ڪراچي) رپورٽر) سنڌ جي ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي، سڄي صوبي ۾ منشيات فروشن خلاف هڪ سخت آپريشن جاري آهي. گذريل رات، نارڪوٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروايون ڪيون

ڪي يو پروفيسر ساقي تي تشدد ڪندڙ 2 جوابدار گرفتار

جنهن سان ڪيس ۾ گرفتار شڪي ماڻهن جو ڪُل تعداد 5 ٿي ويو آهي

گرفتار شڪي ماڻهن ۾ سيڪيورٽي گارڊ گل شير ۽ تاج محمد شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) پوليس ڪراچي يونيورسٽي جي اسلامڪ لرننگ ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين عارف خان ساقي تي تشدد جي ڪيس ۾ ٻن وڌيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

وفاقي گهرو وزير پاران اپ گريڊ ٿيل آبپاره ٿاڻي جو افتتاح

مختلف شعبن سميت ايس ايڇ او آفيس، ڊي آر سي، انڪوائري آفيس ۽ ويٽنگ ايريا جو معائنو ڪيو

ڪائونٽرز تي شهرين کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جو جائزو وٺي اطمينان جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ملڪ جي گادي واري هنڌ جي ٿاڻن کي جديد رخن تي هموار ڪرڻ جي منصوبي تحت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پائيدار قومي ترقي جي لاءِ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لازمي آهي: وقتي صدر

پاڪستان جي جمهوري طاقت، معاشي ترقي ۽ سماجي هم آهنگي ان وقت تائين مڪمل طور تي حاصل نه ٿي ڪري سگهجي

جيستائين عورتون ادارن، معيشت ۽ مستقبل جي جوڙجڪ ۾ برابر طور تي حصو نه وٺن. مالياتي ادارا عورتن جي مالي مدد کي يقيني بڻائين

چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۽ سمورن حصيدارن کي ان اهم فورم منعقد ڪرڻ تي خراج تحسين پيش

سمت ٻن لازمي قومي ترجيحن عورتن جي قيادت ۽ موثر عوامي پاليسي کي هڪ ڪري ٿي

اسلام آباد (بيورو) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پائيدار قومي ترقي جي لاءِ عورتن کي بااختيار بڻائڻ لازمي آهي. پاڪستان جي جمهوري طاقت، معاشي ترقي ۽ سماجي هم آهنگي ان وقت تائين مڪمل طور تي حاصل نه ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

Welcomes
Makhdoom Syed Yousaf Raza Gilani
Acting President of Pakistan
Chairman of the Senate of Pakistan
Chief Guest
Islamabad Chamber of Commerce & Industry
اسلام آباد: وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني تقريب کي خطاب ڪندي

ڳڏاڻي قتل ڪيس: جوابدار اصغر لنڊ جي ضمانت رد

سکر(رپورٽر) شهيد صحافي نصرالله ڳڏاڻي قتل ڪيس ۾ جيل ڀوڳيندڙ جوابدار اصغر لنڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

لاڙڪاڻو: بينڪ لون فراڊ ڪيس ۾ 3 جوابدار گرفتار

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ايف آءِ اي لاڙڪاڻو هڪ وڏي ڪارروائي ۾ 44.2 ملين رپين جي مائڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پاڪستاني سفير خليل هاشمي جي بيجنگ ۾ الوداعي تقريب

ٻنهي ملڪن جي پراڻي دوستي کي خراج تحسين پيش، چين جي دوستن ۽ ساٿين جو ٿورو مڃيو

پاڪستاني ڪميونٽي، ميڊيا نمائندن، ڪاروباري شخصيتن ۽ سفارتي برادري جي ميمبرن شرڪت

بيجنگ (م ر)چين ۾ پاڪستان جي سفير خليل هاشمي جي سفارتي ذميوارين جي تڪميل تي پاڪستان هائوس بيجنگ ۾ الوداعي تقريب ڪوٺائ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اڍائي سالن جي ٻارڙي نالي ۾ ڪري فوت، وارثن جو احتجاج

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد، سنڌ ۾ هڪ اڍائي سالن جي ڇوڪري نالي نالي ۾ ڪرڻ سبب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

بارڊر وارا سياست، ڪرڪيٽ وارا صوبا ۽ وڏيرا قانون ٺاهيندا ته سسٽم ڪولاپس ٿي ويندو: ڪبير پيل

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌي شاگرد تحريڪ (ايس ايس ٽي) جي اڳواڻ ڪبير پيل چيو آهي ته جڏهن بارڊر وارا سياست ڪندا، ڪرڪيٽ وارا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

وفاقي گهرو وزير پاران ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن جي واکاڻ

11 ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي هو بهادر جوانن کي سلام پيش ڪري ٿو

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي بلوچستان جي خاران ۽ واشڪ ضلعن ۾ ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن خلاف ڪامياب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

سٽي ڪورٽ گل پلازا آتشزدگي ڪيس ۾ جوابدارن پاران جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر) سٽي ڪورٽ گل پلازا آتشزدگي ڪيس ۾ جوابدارن پاران جوائنٽ انويسٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪوٽڙي: مال گاڏي جون 3 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون، اپ ٽريڪ بند

حادثي ۾ ريلوي ٽريڪ کي نقصان پهتو آهي، جنهن کان پوءِ اپ ٽريڪ مڪمل طور تي بند آهي

ريلوي ٽريڪ جي مرمت ۽ بحالي جو ڪم جاري آهي، مال گاڏي ڪراچي کان يوسف والا ڪوئلو کڻي وڃي رهي هئي

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي اسٽيشن ويجهو ڪوئلي سان ڀريل مال گاڏي جون ٽي بوگيون پٽڙي تان لهي ويون. ريلوي عملدارن موجب حادثي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ٿرپارڪر، ڇوڪري فوت، پوسٽ مارٽم رپورٽ قبول ناهي، وارث

شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو ويو آهي

والدين لکيو آهي ته اهي تفصيلي پوسٽ مارٽم نه ڪري رهيا آهن: ميڊيڪو ليگل آفيسر

ٿرپارڪر (رپورٽر) ٿرپارڪر جي اسلام ڪوٽ علائقي ۾ فوت ٿيل ڇوڪري جي والدين پوسٽ مارٽم رپورٽ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

شهر قائد جا سرڪاري اسپتال مريضن کي علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ بدران پاڻ ئي مسئلن جو مرڪز بڻجندا پيا وڃن : شهري

ڪراچي(رپورٽر) شهر قائد جون سرڪاري اسپتالون مريضن کي علاج جون سهولتون فراهم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچي پوليس مقابلا، 3 جوابدار مارجي ويا، 3 زخمي گرفتار

ڪورنگي شاهين فورس ملير ندي ڪازوي روڊ ويجهو شڪي ماڻهن سان باهمي فائرنگ دوران هڪ شڪي کي ماري ڇڏيو

نارٿ ناظم آباد پوليس مبينا مقابلي کانپوءِ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل منگهو پير ڊويزن پوليس ناڪابندي دوران شڪي ماڻهن سان فائرنگ جي تبادلي دوران هڪ شڪي کي ماري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا مقابلي دوران ٽي شڪي مارجي ويا ۽ ٽي شڪي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. ڪورنگي شاهين فورس ملير ندي ڪازوي روڊ ويجهو شڪي ماڻهن سان باهمي فائرنگ دوران هڪ شڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪراچي: پريس ڪلب جي ٻاهران اندرون سنڌ جي ٽيچرز احتجاج ڪندي

حڪومت عوام کي طبي سهولتون کين گهرن جي دروازي تائين فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: وفاقي وزير

هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين، هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي

ٽيلي ميڊيسن سينٽرز ذريعي فائدو حاصل ڪندڙ مريضن جي خدمت نيڪ عمل آهي جنهن جو اجر دنيا ۽ آخرت ۾ ملندو

عوامي خدمت جي ان مرڪز کي وڌيڪ ترقي ڏياري ويندي ته جيئن وڌ کان وڌ مريض فائدو حاصل ڪري سگهن

اسلام آباد (بيورو) قومي صحت بابت وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ٽيلي ميڊيسن هڪ اهم اسڪيم آهي جنهن جي ذريعي عوام کي طبي سهولتون سندن گهرن جي چانٺ تائين فراهم ڪري سگهجن ٿيون ۽ انهن کي معمولي بيمار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 10 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 27 ربيع الاول 1448ھ

ايم ڪيو ايم جو بدلجندڙ لهجو ۽ سنڌ جي امن جو سوال

سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبرن ۽ حڪومتي ڌر وچ ۾ ٿيل ڇڪتاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ جي سياست ۾ موجود انهن پراڻن تضادن کي سامهون آڻي ڇڏيو آهي، جيڪي وقت گذرڻ سان ختم ٿيڻ بدران نون روپن ۾ ظاهر ٿيندا رهيا آهن. سوالن جي وقفي دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبر طحٰ احمد جي مسلسل ڳالهائڻ تي اسپيڪر اويس قادر شاهه جي رمارڪس ڪانپوءِ ايوان ۾ گوڙ ۽ نعريبازي ٿي، جنهن دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبرن الزام هنيو ته سنڌ اسيمبلي کي وڏيرن جي اوطاق وانگر هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ شهري سنڌ جي نمائندن کي سوال ڪرڻ جو حق حاصل آهي. ان جي جواب ۾ طحٰ احمد سنڌ جي حڪمرانن تي علحدگي پسندن جي حمايت جو الزام لڳائيندي چيو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جي حق ۾ بيهڻ جو حلف کنيو آهي ۽ هنن طرفان پيش ڪيل نعراءِ به پاڪستان جي حمايت ۾ هو. هن سنڌ جي وڏي وزير طرفان مبينا طور مُڪو لهرائي ڌمڪين جي ڳالهه ڪندي اهو به چيو ته "نصيرالله بابر ۽ ذوالفقار مرزا کان نه ڊناسين ته ٻارن کان ڇا ڊڄنداسين."

هن بيان کي رڳو سنڌ اسيمبليءَ جي هڪ ڏينهن جي سياسي جهيڙي تائين محدود ڪري ڏسڻ بدران سنڌ جي موجوده سياسي ماحول جي پسمنظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي سياست گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان طاقت، مفاهمت، مفاد، لساني سياست، صوبائي حقن ۽ مرڪزي اقتدار جي چوڌاري گهمندي رهي آهي. ايم ڪيو ايم ۽ سنڌ جي حڪمران ڌرين وچ ۾ اختلاف نوان ناهن، پر وقت سان گڏ سياسي حالتون، طاقت جا مرڪز ۽ پارٽين جون ترجيحون ضرور تبديل ٿينديون رهيون آهن.

هن ڀيري، بهرحال، ايم ڪيو ايم جي قيادت جي لهجي ۾ ڪجهه تبديلي محسوس ٿئي ٿي. ائين لڳي ٿو ڄڻ ايم ڪيو ايم جي پٺي چڱي نموني ٺپي وئي آهي ۽ ان ڪري هن ڀيري سندس اڳواڻن جي ڳالهائڻ، احتجاج ڪرڻ ۽ سياسي موقف پيش ڪرڻ جي انداز ۾ اڳوڻي جارحيت جي پيٽ ۾ هڪ مختلف رنگ نظر اچي رهيو آهي. ماضيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي سياست ۾ سخت لهجو، طاقت جو مظاهرو ۽ شهري ـ ٻهراڙي ورهاست واري ٻولي نمايان رهي آهي، پر هاڻوڪي سياسي صورتحال ۾ جيڪڏهن ان پارٽي جو لهجو واقعي تبديل ٿي رهيو آهي ته اها ڳالهه سنڌ جي سياست لاءِ غور طلب ضرور آهي.

پر اصل سوال اهو آهي ته ايم ڪيو ايم آخر ڪڏهن سنڌ ڌرتيءَ سان سچي ٿيندي؟ ڇا اها سنڌ جي مجموعي امن، اتحاد، ترقي ۽ خوشحالي کي پنهنجي سياست جو بنياد بڻائيندي يا وري ڪنهن به طاقتور آقا جي اشاري تي سنڌ جي ماڻهن کي هڪ ٻئي جي سامهون بيهارڻ واري پراڻي سياست ڏانهن موٽي ويندي؟ سنڌ کي هاڻي اهڙي سياست جي ضرورت ناهي، جيڪا ماڻهن کي شهري ۽ ٻهراڙي، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ، مقامي ۽ غير مقامي جي خانن ۾ ورهائي پنهنجا سياسي مفاد حاصل ڪري. سنڌ کي اهڙي سياسي سوچ جي ضرورت آهي، جيڪا ڪراچي کان ڪشمور تائين سمورن ماڻهن کي هڪ ئي ڌرتيءَ جا وارث سمجهي.

ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ جيڪڏهن واقعي پاڪستان جي حمايت ۽ جمهوريت جي ڳالهه ڪن ٿا ته پوءِ ان اصول جو پهريون امتحان سنڌ اندر ئي ٿيڻ گهرجي. جمهوريت جو مطلب صرف پنهنجي جماعت لاءِ ڳالهائڻ يا مخالف ڌر تي الزام هڻڻ نه، پر مخالف راءِ کي برداشت ڪرڻ، دليل سان جواب ڏيڻ ۽ عوام جي بنيادي مسئلن کي پنهنجي سياست جو مرڪز بڻائڻ آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪنهن به ميمبر کي سوال ڪرڻ جو حق ضرور حاصل آهي، پر ساڳئي وقت ايوان جي وقار، پارلياماني روايتن ۽ ٻين ميمبرن جي حقن جو احترام پڻ ضروري آهي.

ساڳئي طرح حڪمران ڌر کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته اقتدار مستقل شيءِ ناهي. اڄ جيڪي اقتدار ۾ آهن، سڀاڻي مخالف ڌر ۾ به ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري سياسي اختلافن کي ذاتي دشمني، ڌمڪين ۽ طاقت جي اظهار ۾ تبديل ڪرڻ بدران ڳالهه ٻولهه ۽ پارلياماني طريقي سان حل ڪرڻ ئي جمهوريت جي سونهن آهي. جيڪڏهن ڪنهن ميمبر کي اسپيڪر يا حڪومت جي طريقيڪار تي اعتراض آهي ته ان جو جواب دليل، ضابطن ۽ پارلياماني احتجاج ذريعي اچڻ گهرجي، نه ته اهڙي ٻولي ذريعي جيڪا سياسي ماحول کي وڌيڪ زهريلو بڻائي.

سنڌ اڳ ئي ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. پاڻي جي کوٽ، روزگار جي کوٽ، مهانگائي، امن امان جي خراب صورتحال، منشيات، ڌاڙيلن جو مسئلو، تعليم ۽ صحت جون ناقص سهولتون، ڪراچي جا شهري مسئلا، ٻهراڙين جي پسماندگي ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورهاست جهڙا مسئلا سنڌ جي عوام کان سنجيده سياسي ڌيان گهرن ٿا. جيڪڏهن سياسي جماعتون انهن مسئلن بدران هڪ ٻئي خلاف الزام تراشي ۽ ماضيءَ جي تلخين کي ورجائڻ ۾ وقت وڃائينديون ته نقصان آخرڪار عوام جو ئي ٿيندو.

سنڌ جي ماڻهن جو هڪ وڏو الميو اهو به رهيو آهي ته هتي عوامي مسئلن کي اڪثر لساني ۽ نسلي سياست جي پردي ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته ڪراچيءَ جو مسئلو هجي يا لاڙڪاڻي، سکر، حيدرآباد، بدين، ٺٽي ۽ ٿر جو مسئلو، بنيادي طور تي سنڌ جي عوام جو مسئلو آهي. پاڻي سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ اردو ڳالهائيندڙ ۾ فرق نٿو ڪري، بيروزگاري ڪنهن زبان کي نٿي ڏسي ۽ بدامني ڪنهن ذات يا برادري کي بخش نٿي ڪري.

ان ڪري ايم ڪيو ايم سميت سنڌ جي سمورين سياسي جماعتن کي هاڻي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هو پنهنجي سياست کي سنڌ جي امن، اتحاد ۽ ترقي سان جوڙينديون يا وري طاقت جي مرڪزن جي مرضيءَ مطابق پنهنجا سياسي رخ تبديل ڪنديون رهنديون. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم واقعي پنهنجو ماضي ڇڏي هڪ نئين سياسي سفر جي شروعات ڪرڻ چاهي ٿي ته سنڌ جي عوام ان تبديليءَ کي ضرور ڏسڻ چاهيندو، پر اها تبديلي رڳو لفظن، نعريبازي يا اسيمبليءَ جي تقريرن سان ثابت نه ٿيندي: ان لاءِ عملي طور سنڌ جي گڏيل مفادن، صوبائي حقن، جمهوري قدرن ۽ سنڌ جي سمورن رهواسين جي وچ ۾ محبت ۽ ڀائيچاري لاءِ بيهڻو پوندو.

ٻئي طرف سنڌ جي حڪمرانن لاءِ به اهو وقت سوچڻ جو آهي ته سياسي اختلافن کي طاقت جي زبان سان دٻائڻ بدران اعتماد ۽ ڳالهه ٻولهه ذريعي حل ڪيو وڃي. سنڌ کي نه ڪنهن نئين لساني ڇڪتاڻ جي ضرورت آهي ۽ نه ئي ڪنهن نئين محاذ آرائي جي. سنڌ کي امن، اتحاد، انصاف ۽ ترقي گهرجي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماضيءَ جا زخم کولي هڪ ٻئي کي ڌمڪائڻ بدران مستقبل جا رستا کوليا وڃن. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم جي لهجي ۾ واقعي تبديلي آئي آهي ته ان تبديليءَ کي سنڌ جي عوام عملي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ٿو ۽ جيڪڏهن اها تبديلي رڳو وقتي سياسي ضرورت آهي ته پوءِ سوال اڃا به ساڳيو رهندو: ايم ڪيو ايم ڪڏهن سنڌ ڌرتيءَ سان سچي ٿيندي ۽ ڪڏهن سنڌ جي امن، اتحاد ۽ ترقي کي پنهنجي مستقل سياسي ترجيح بڻائيندي؟

پيٽرول مهانگو، عوام بي وس: مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ سنڌ جو عام ماڻهو

غلام مصطفيٰ جمالي

سنڌ ۾ عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائيءَ جي اهڙي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي، جتان نڪرڻ جو ڪو رستو نظر نٿو اچي. گهر جو راشن مهانگو، بجليءَ جا بل ڳرا، ٻارن جي تعليم جا خرچ وڌندڙ، دوائون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ۽ روزگار جا موقعا محدود. مٿان وري پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي. حڪومت لاءِ شايد پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ هڪ معاشي فيصلو هجي، پر سنڌ جي غريب ماڻهوءَ لاءِ اها سندس گهر جي چلهه، ٻارن جي پڙهائي ۽ روزاني سفر سان ڳنڍيل هڪ وڏي پريشاني آهي.

پيٽرول جي قيمت وڌڻ سان رڳو موٽر سائيڪل جي ٽانڪي ڀرڻ مهانگو نٿو ٿئي، پر ان سان گڏ زندگيءَ جو هر اهو شعبو متاثر ٿئي ٿو، جيڪو سفر ۽ آمدرفت سان لاڳاپيل آهي. سنڌ جي ڪنهن به شهر يا ڳوٺ ۾ صبح جو منظر ڏسجي ته اندازو ٿي وڃي ٿو ته ٻارڻ جي قيمتن ۾ واڌ جو اصل بار ڪير کڻي رهيو آهي.

هڪ مزدور صبح سوير پنهنجي پراڻي موٽر سائيڪل تي گهران نڪري ٿو. سندس منزل ڪڏهن تعميراتي سائيٽ هوندي آهي، ڪڏهن ڪنهن دڪان تي مزدوري، ڪڏهن ڪنهن ڪارخاني ۾ ڪم ته ڪڏهن شهر جي بازار. سڄو ڏينهن محنت ڪرڻ کان پوءِ کيس جيڪا مزدوري ملي ٿي، ان مان گهر جو راشن، ٻارن جا خرچ، بجليءَ جو بل ۽ ٻين ضرورتن لاءِ رقم ڪڍڻي آهي. جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو ته سندس آمدنيءَ جو هڪ وڏو حصو سفر تي خرچ ٿيڻ لڳي ٿو. نتيجي ۾ گهر لاءِ بچندڙ رقم گهٽجي وڃي ٿي.

سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ مسئلو اڃا وڌيڪ سنگين آهي. بدين، ٺٽو، سجاول، ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ ٻين ضلعن جي ڪيترن ئي ڳوٺن مان ماڻهو روزگار، تعليم ۽ علاج لاءِ شهرن ڏانهن اچن وڃن ٿا. ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ وڏو اسپتال موجود ناهي، ڪاليج پري آهي، روزگار جا موقعا محدود آهن ۽ سرڪاري آفيسن تائين پهچڻ لاءِ به سفر ڪرڻو پوي ٿو. اهڙي ماحول ۾ پيٽرول جي قيمت ۾ اضافو غريب ماڻهوءَ لاءِ اختيار نه، پر مجبوريءَ جو خرچ بڻجي وڃي ٿو.

هڪ ماءُ کي جيڪڏهن پنهنجي ٻار کي علاج لاءِ ضلعي اسپتال وٺي وڃڻو هجي ته هوءَ پيٽرول جي قيمت کي نظرانداز نٿي ڪري سگهي. هڪ شاگرد کي اعليٰ تعليم لاءِ شهر وڃڻو هجي ته روزاني سفر جو خرچ سندس والدين جي بجيٽ جو حصو بڻجي وڃي ٿو. هڪ نوجوان کي نوڪري جي ڳولا ۾ روزانو شهر وڃڻو هجي ته کيس اهو به سوچڻو پوي ٿو ته سفر تي خرچ ٿيڻ کان پوءِ سندس ڪمائيءَ مان آخر بچندو ڪيترو؟

اهو ئي سبب آهي ته پيٽرول جي قيمت ۾ اضافو صرف گاڏين جي مالڪن جو مسئلو ناهي. اهو هر ان ماڻهوءَ جو مسئلو آهي، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ آمدرفت تي ڀاڙي ٿو.

سنڌ جو هاري به هن وڌندڙ مهانگائيءَ کان محفوظ ناهي. بدين ۽ سنڌ جي ٻين زرعي علائقن ۾ هاري اڳ ئي ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، پاڻي، بجلي ۽ مزدوريءَ جي وڌندڙ خرچن کي منهن ڏئي رهيو آهي. زمين کيڙڻ لاءِ ٽريڪٽر گهرجي، فصل لاءِ پاڻي گهرجي، فصل کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ لاءِ گاڏي گهرجي ۽ آخرڪار پيداوار کي منڊيءَ تائين پهچائڻ لاءِ ڊيزل خرچ ٿئي ٿو. جڏهن ڊيزل مهانگو ٿئي ٿو ته هاريءَ جي پيداواري لاڳت وڌي وڃي ٿي.

پر هاريءَ جو الميو اهو آهي ته هو پنهنجي فصل جو اگهه پاڻ مقرر نٿو ڪري سگهي. هو مهانگو ٻج خريد ڪري ٿو، مهانگو ڀاڻ وٺي ٿو، مهانگو ڊيزل استعمال ڪري ٿو ۽ پنهنجي زمين تي محنت ڪري ٿو، پر فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ منڊيءَ ۾ کيس پنهنجي پيداوار جي مناسب قيمت ملڻ جي ضمانت ناهي. اهڙي صورتحال ۾ ٻارڻ جي قيمت ۾ واڌ هاريءَ لاءِ ٻيڻو نقصان بڻجي وڃي ٿي.

ساڳيءَ طرح مڇي مارڻ سان لاڳاپيل ماڻهو به ٻارڻ جي قيمتن کان متاثر ٿين ٿا. ساموندي پٽيءَ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي خاندانن جو روزگار ٻيڙين ۽ سفر سان ڳنڍيل آهي. ٻارڻ مهانگو ٿيڻ سان سندن خرچ وڌن ٿا، پر مڇيءَ جي قيمت هميشه ان حساب سان نٿي وڌي. نتيجي ۾ ننڍو مڇي مار پنهنجي محدود آمدنيءَ مان وڌيڪ خرچ برداشت ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿو.

شهرن ۾ رڪشا ۽ موٽر سائيڪل هلائيندڙن جي حالت به ڏکي آهي. هڪ رڪشا ڊرائيور سڄو ڏينهن روڊن تي مسافر کڻي پنهنجي خاندان جو پيٽ پاليندو آهي. پيٽرول مهانگو ٿئي ته هو ڪرايو وڌائڻ چاهي ٿو، پر مسافر اڳ ئي مهانگائيءَ کان پريشان آهن. جيڪڏهن ڪرايو وڌائي ٿو ته مسافر ناراض، جيڪڏهن نٿو وڌائي ته سندس پنهنجي گهر جو بجيٽ متاثر. هو ٻنهي پاسن کان ڦاسي وڃي ٿو.

ٽرانسپورٽ جي خرچن ۾ واڌ جو اثر بازار تائين به پهچي ٿو. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن واپاري کي حيدرآباد يا ڪراچيءَ مان سامان بدين، ٽنڊوباگو يا ڪنهن ٻئي شهر تائين آڻڻو آهي ته گاڏيءَ جو ٻارڻ، ڊرائيور جي اجرت ۽ مال برداريءَ جا خرچ سندس مجموعي لاڳت جو حصو بڻجن ٿا. خرچ وڌڻ کان پوءِ دڪاندار به پنهنجي سامان جا اگهه وڌائڻ تي مجبور ٿئي ٿو. اهڙيءَ ريت پيٽرول جي قيمت ۾ اضافو آخرڪار ان ماڻهوءَ جي کيسي تائين پهچي ٿو، جيڪو شايد پنهنجي گهر لاءِ ٿورو اٽو، چانور، سبزيون يا ٻيو ضروري سامان وٺڻ بازار آيو هجي.

اسان جي بازارن ۾ اڪثر اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پيٽرول يا ڊيزل جي قيمت وڌڻ کان پوءِ شين جا اگهه جلدي وڌي وڃن ٿا، پر جڏهن ٻارڻ جي قيمت گهٽجي ٿي ته ساڳي رفتار سان شين جا اگهه گهٽ ٿيندا نظر نٿا اچن. اهو تضاد حڪومت لاءِ سنجيده سوال هجڻ گهرجي. جيڪڏهن قيمتن جي نگراني لاءِ ادارا موجود آهن ته پوءِ عوام کي هر واڌ جو بار ايتري تيزيءَ سان ڇو کڻڻو پوي ٿو؟

اصل مسئلو اهو آهي ته اسان وٽ مهانگائيءَ جو بار اڪثر انهن ماڻهن تي وڌو وڃي ٿو، جن وٽ ان کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت سڀ کان گهٽ آهي. هڪ وڏي آمدني رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ پيٽرول جي قيمت ۾ ڪجهه رپين جو اضافو شايد وڏي ڳالهه نه هجي، پر هڪ روزاني اجرت تي ڪم ڪندڙ مزدور لاءِ هر ڏينهن جو اضافي سفر خرچ مهيني جي آخر ۾ وڏي رقم بڻجي سگهي ٿو.

حڪومت کي اهو به سوچڻو پوندو ته عوام جي آمدنيءَ ۾ ڪيترو اضافو ٿيو آهي ۽ خرچ ڪيترا وڌيا آهن. جيڪڏهن هڪ خاندان جي آمدني ساڳي رهي، پر راشن، تعليم، علاج، بجلي، گئس ۽ سفر جا خرچ مسلسل وڌندا رهن ته ان خاندان جي زندگيءَ ۾ معاشي بحران پيدا ٿيڻ لازمي آهي.

سنڌ جي وچولي طبقي جي حالت به هاڻي وڌيڪ پريشان ڪندڙ آهي. اهو طبقو نه ايترو غريب آهي جو کيس هر هنڌ سرڪاري مدد ملي ۽ نه ايترو امير جو هر قيمت برداشت ڪري سگهي. گهر جي قسط، ٻارن جي اسڪول فيس، بجليءَ جا بل، موٽر سائيڪل يا گاڏيءَ جو خرچ، والدين جي علاج ۽ روزاني راشن جي وچ ۾ هو مسلسل حساب ڪتاب ڪندو رهي ٿو. پيٽرول جي هر واڌ سندس بجيٽ ۾ هڪ نئون سوراخ پيدا ڪري ٿي.

اهڙي صورتحال ۾ حڪومت کي رڳو اهو چوڻ ڪافي ناهي ته عالمي منڊيءَ ۾ تيل مهانگو ٿي ويو آهي. عوام اهو به ڄاڻڻ چاهي ٿو ته حڪومت پنهنجي شهرين کي عالمي معاشي بحران جي اثرن کان بچائڻ لاءِ ڇا ڪري رهي آهي؟ ڇا گهٽ آمدني وارن ماڻهن لاءِ ڪو خاص رليف آهي؟ ڇا عوامي ٽرانسپورٽ سستي ڪئي پئي وڃي؟ ڇا هارين جي زرعي خرچن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن؟ ڇا ضروري شين جي اگهن تي سخت نگراني ٿي رهي آهي؟

جيڪڏهن حڪومت کي آمدني وڌائڻي آهي ته رڳو پيٽروليم شين کي آسان هدف بڻائڻ بدران ٽيڪس نظام کي وسيع ڪرڻ گهرجي. ٽيڪس چوري روڪڻ، غير دستاويزي معيشت کي دستاويزي بڻائڻ ۽ وڏي آمدني وارن شعبن کان مناسب ٽيڪس وصول ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. آخرڪار ملڪ جو بار رڳو ان ماڻهوءَ تي ڇو وڌو وڃي، جيڪو پنهنجي موٽر سائيڪل ۾ ڪجهه ليٽر پيٽرول وجهرائي ڪم تي وڃي ٿو؟ پاڪستان کي ڊگهي مدي ۾ درآمدي ٻارڻ تي انحصار گهٽ ڪرڻو پوندو. سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ شمسي توانائي ۽ ٻين متبادل توانائيءَ جي ذريعن کي همٿي ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان پنهنجي توانائيءَ جون ضرورتون مقامي ذريعن سان پوريون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ته عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمتن جي تبديليءَ جو اثر به گهٽجي سگهي ٿو. حڪومت کي سنڌ جي پري وارن علائقن لاءِ عوامي ٽرانسپورٽ جي بهتر نظام تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي. اهڙو نظام جنهن سان ڳوٺ جو شاگرد شهر جي ڪاليج تائين مناسب خرچ ۾ پهچي سگهي، مريض اسپتال تائين آسانيءَ سان وڃي سگهي ۽ مزدور پنهنجي ڪم واري هنڌ تائين مناسب ڪرايي ۾ پهچي سگهي. جڏهن رياست بنيادي سهولتون فراهم ڪندي ته عام ماڻهوءَ جو ذاتي ٻارڻ تي انحصار به گهٽ ٿيندو.

عوام کان بار بار قرباني گهرڻ آسان آهي، پر قرباني ڏيڻ وارن جي زندگي ڏسڻ وڌيڪ ضروري آهي. حڪمرانن کي ڪڏهن انهن روڊن تي به بيهڻ گهرجي، جتي صبح سوير مزدور موٽر سائيڪلن تي ڪم لاءِ نڪرندا آهن. کين ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ جي هاريءَ سان ويهي پڇڻ گهرجي ته فصل پوکڻ کان وٺي منڊيءَ تائين پهچائڻ ۾ سندس خرچ ڪيترو ٿيو. کين ڪنهن رڪشا ڊرائيور کان پڇڻ گهرجي ته سڄو ڏينهن گاڏي هلائڻ کان پوءِ سندس گهر ۾ ڪيتري رقم وڃي ٿي. عوام کي هاڻي رڳو صبر جي تلقين نه، پر عملي رليف گهرجي. مهانگائيءَ جي ماريل ماڻهن وٽ صبر ضرور آهي، پر سندن آمدني لامحدود ناهي. سندن ضرورتون به حقيقت آهن ۽ سندن ٻار به مستقبل جا خواب رکن ٿا. پيٽرول بم وري وسايو ويو آهي. پر ان جي باهه رڳو پيٽرول پمپ تي نظر نٿي اچي. اها باهه هاريءَ جي وڌندڙ لاڳت ۾، مزدور جي گهٽ ٿيندڙ آمدنيءَ ۾، شاگرد جي وڌندڙ سفري خرچ ۾، رڪشا ڊرائيور جي پريشانيءَ ۾، دڪاندار جي وڌندڙ خرچ ۾ ۽ غريب جي باورچي خاني ۾ نظر اچي ٿي.

هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت هر معاشي فيصلي کان اڳ اهو سوال پاڻ کان پڇي ته ان فيصلي جو بار سڀ کان وڌيڪ ڪنهن تي پوندو؟ جيڪڏهن جواب غريب ۽ وچولي طبقي جي صورت ۾ سامهون اچي ته پوءِ پاليسيءَ تي ٻيهر غور ٿيڻ گهرجي.

ڇو ته ملڪ صرف خزاني جا انگ اکر وڌائڻ سان خوشحال نٿو ٿئي. ملڪ ان وقت خوشحال ٿيندو آهي، جڏهن بدين جو هاري پنهنجي فصل مان مناسب آمدني حاصل ڪري، ٽنڊوباگو جو مزدور پنهنجي روزاني ڪمائي مان گهر جو چلهو آسانيءَ سان ٻاري سگهي، سنڌ جو شاگرد مناسب خرچ ۾ تعليم حاصل ڪري سگهي ۽ عام خاندان مهيني جي آخر ۾ خالي کيسي سان ويهڻ بدران پنهنجي ٻارن جي مستقبل لاءِ ڪجهه بچائي سگهي. پيٽرول جي قيمت وڌائڻ شايد حڪومتي حساب ڪتاب ۾ هڪ انگ هجي، پر عوام لاءِ اهو انگ روزاني زندگيءَ جي هڪ نئين تڪليف بڻجي ٿو. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته عوام کان مسلسل قرباني وٺڻ بدران حڪمرانيءَ ۾ به قرباني جو اصول لاڳو ڪيو وڃي. عوام کي وڌيڪ بار نه، ساهه کڻڻ جي جاءِ گهرجي: وڌيڪ واعدا نه، عملي رليف گهرجي.

عبدالخالق ٻنيرو—انسانيت جو همدرد، مظلومن جو ساٿي ۽ ظلم آڏو بيباڪ آواز

تحرير: غلام نبي ميرجت

سوشل ورڪر عبدالخالق ٻنيرو

تعلقه صالح پٽ، ضلعه سکر جي ڳوٺ خانڻ ٻنيرو ۾ جنم وٺندڙ سوشل ورڪر عبدالخالق ٻنيرو انهن ماڻهن مان آهي، جيڪي پنهنجي ذات کان وڌيڪ ٻين جي ڏکن، تڪليفن ۽ مسئلن کي اهميت ڏين ٿا. سندس شخصيت نيڪ نيتي، انسان دوستي، غريبن سان همدردي ۽ حق ڳالهائڻ واري جرئت سبب هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو

دنيا ۾ هر ماڻهو پنهنجي لاءِ جيئندو آهي، پر ڪي اهڙا به انسان هوندا آهن، جيڪي ٻين جي خوشين کي پنهنجي خوشي ۽ ٻين جي تڪليف کي پنهنجو درد سمجهندا آهن. عبدالخالق ٻنيرو به اهڙي ئي سوچ رکندڙ انسان آهي، جنهن لاءِ انسانيت جي خدمت ڪنهن شهرت يا ذاتي فائدي جو ذريعو نه، پر هڪ اخلاقي ذميواري آهي.

هو بنا ڪنهن ذاتي مفاد يا لالچ جي ضرورت مندن جي مدد ڪرڻ ۽ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کي اهميت ڏئي ٿو. سندس سوچ اها آهي ته جيڪڏهن ڪنهن انسان جي ڏکي گهڙيءَ ۾ ڪم اچي سگهجي ٿو ته ان کان وڏي انسانيت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

عبدالخالق ٻنيرو جي شخصيت جو هڪ ٻيو نمايان پهلو ظلم ۽ ناانصافي خلاف بيباڪيءَ سان آواز اٿارڻ آهي. هو طاقت ۽ اثر رسوخ کان مرعوب ٿي حق جي ڳالهه کان پوئتي هٽڻ کي پسند نٿو ڪري. جتي ڪٿي ناانصافي نظر اچي ٿي، اتي پنهنجي وس آهر ان خلاف آواز بلند ڪرڻ ۽ مظلوم جو ساٿ ڏيڻ کي ترجيح ڏئي ٿو.

يقيناً حق جي ڳالهه ڪرڻ هميشه آسان ڪم ناهي. ڪڏهن سچ ڳالهائڻ لاءِ مخالفت کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، ڪڏهن دٻاءُ برداشت ڪرڻو پوي ٿو ۽ ڪڏهن خاموش رهڻ جي صلاح به ملي ٿي: پر اصولن تي قائم رهندڙ انسان لاءِ حق جو رستو ئي سڀ کان اهم هوندو آهي. عبدالخالق ٻنيرو جي ڪردار ۾ به اها بيباڪي نمايان نظر اچي ٿي.

انسانيت کي اوليت ڏيندڙ شخصيت

اڄ جي دور ۾ جڏهن ذاتي مفاد، شهرت ۽ ڏيکاءُ ڪيترن ئي ماڻهن جي ترجيح بڻجي چڪا آهن، تڏهن اهڙا ماڻهو جيڪي بنا ڪنهن لالچ جي ٻين جي ڀلائي لاءِ اڳتي اچن ٿا، سماج لاءِ اميد جي ڪرڻي آهن.

غريبن جي مدد، ضرورت مندن جو ساٿ، ناانصافي خلاف آواز ۽ ماڻهن سان ڀلائي—اهي سڀ اهڙا عمل آهن، جيڪي معاشري ۾ مثبت تبديليءَ جو سبب بڻجي سگهن ٿا. عبدالخالق ٻنيرو جي ڪردار جو خوبصورت پاسو اهو آهي ته هو انسانيت جي خدمت کي عزت ۽ ذميواري سمجهي ٿو.

حقيقت ۾ انسان جي اصل سڃاڻپ سندس دولت، عهدي يا ظاهري حيثيت سان نه، پر سندس ڪردار، اخلاق ۽ ٻين انسانن لاءِ ڪيل خدمتن سان ٿيندي آهي.

ڪنهن غريب جي ڏکي وقت ۾ مدد ڪرڻ، ڪنهن مجبور جو ساٿ ڏيڻ ۽ ڪنهن مظلوم جي آواز کي اهميت ڏيڻ شايد دنيا جي نظر ۾ ننڍا عمل هجن، پر متاثر ٿيندڙ انسان لاءِ اهي عمل زندگيءَ جي وڏي اميد بڻجي سگهن ٿا.

نيڪ عمل ئي اصل سڃاڻپ

دولت ختم ٿي سگهي ٿي، عهدا تبديل ٿي سگهن ٿا ۽ شهرت وقت سان گڏ گهٽجي سگهي ٿي، پر ڪنهن انسان لاءِ ڪيل نيڪ عمل ۽ ڏکي وقت ۾ ڏنل ساٿ ماڻهن جي دلين ۾ گهڻي عرصي تائين زنده رهندا آهن.

عبدالخالق ٻنيرو رڳو هڪ نالو ناهي: اهو هڪ اهڙي سوچ جي علامت آهي، جيڪا غريب جي درد کي محسوس ڪري ٿي، مظلوم جي آواز کي اهميت ڏئي ٿي، ظلم جي سامهون جهڪڻ کان انڪار ڪري ٿي ۽ انسانيت جي خدمت کي پنهنجي اصل سڃاڻپ سمجهي ٿي

سماج کي اهڙن ئي ماڻهن جي ضرورت آهي، جيڪي ذاتي مفادن کان مٿانهان ٿي انسانيت، حق ۽ انصاف لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. ڇاڪاڻ ته معاشرو صرف وڏين دعوائن سان نه، پر انهن ماڻهن جي عملن سان بهتر ٿيندو آهي، جيڪي بنا ڪنهن لالچ جي ٻين جي ڀلائي لاءِ بيٺل رهن ٿا.

شايد اهڙن ئي انسانن جي ڪري معاشري ۾ اڃا به اميد زنده آهي—۽ عبدالخالق ٻنيرو به انهن ئي ماڻهن مان هڪ آهي، جن جي سڃاڻپ لفظن سان نه، پر سندن عملن سان ٿيندي آهي

بقايا *** 01

ڪردار ادا ڪن. قرضن جي فراهمي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ بئنڪن جي حڪومت حوصلا افزائي ڪندي. شهباز شريف چيو ته حڪومت گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي کي سستي رهائش، هارين کي آسان شرطن تي قرض ۽ ننڍي وچولي درجي ڪاروبارن کي مالي سهولتن جي فراهمي لاءِ قدم کڻي رهي آهي. وزيراعظم چيو ته زرعي شعبو ملڪ جي معيشت ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو ان جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ قومي ذميواري آهي. وزيراعظم هارين کي بنا رڪاوٽ ۽ آسان شرطن تي مالي وسيلن تائين رسائي يقيني بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي. وزيراعظم چيو ته گهٽ آمدني ۽ وچولي طبقي لاءِ سستي رهائش جي فراهمي حڪومت جي ترجيح آهي. صوبائي چيف سيڪريٽرين کي اهڙين ملڪيتن جي جامع سروي ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي، جتي گهر ناهڻ جي خواهشمند ماڻهن کي "وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم" تحت بئنڪن کان قرض فراهم ڪري سگهجي. اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته "وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم" لاءِ هن وقت تائين ڪل 47 هزار 504 درخواستون وصول ٿي چڪيون آهن. جن مان 53 هزار 127 درخواستون منظور ڪيون ويون آهن. منظور ٿيل درخواستن جي مجموعي ماليت 313 ارب 42 ڪروڙ رپيا آهي، جڏهن ته 8 هزار 739 درخواستگذارن کي 45 ارب 43 ڪروڙ رپين جا قرض فراهم ڪيا ويا آهن بريفنگ موجب ملڪ ۾ مورگيج جون شرطون پوريون ڪندڙ پلاٽن جي نشاندهي لاءِ نظام تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن جو پائلٽ منصوبو اسلام آباد کان شروع ٿيندو زرعي شعبي لاءِ قرضن جي فراهمي جو حجم آگسٽ 2026ع ۾ هڪ کرب 26 ارب 80 ڪروڙ رپين تائين پهچي ويو جڏهن ته Access to Finance Plan 2026_2028 تحت جون 2028ع تائين اهو هدف 2 کرب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. "زرخيز" ايپ ذريعي آسان قرضن لاءِ 35 هزار 838 درخواستون مليون، جن مان 7 ارب 35 ڪروڙ رپين جا قرض منظور ڪيا ويا، جڏهن ته هڪ ارب 96 ڪروڙ رپين جا قرض جاري ڪيا ويا آهن. ايس ايم اي شعبي لاءِ آگسٽ 2026ع تائين بئنڪن جي قرضن جو حجم کرب 6 ارب 70 ڪروڙ رپيا رهيو جڏهن ته جون 2028ع تائين ان کي 2 کرب رپين تائين پهچائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. سيپيا گذريل ڪن مهينن دوران هڪ هزار 96 ايس ايم ايز کي مالي خوانديگي بابت تربيت پڻ ڏني. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، وفاقي وزير احسن خان چيمه، رانا تنوير حسين، محمد اورنگزيب، رياض حسين پيرزاده، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر خان، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، چئني صوبن، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي چيف سيڪريٽرين، آءِ بي آر جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ۽ پاڪستاني بئنڪن جي صدرن ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسرن سميت لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 02

ڪرڻ جي مرحلي ۾ پوليس جي ڪارڪردگي فوجداري انصاف جي معيار تي سڌي ريت اثر انداز ٿيندي آهي. پيشيورانه جاچ ۽ معياري ثبوت موثر ۽ منصفاڻي نظام فوجداري انصاف لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. سپريم ڪورٽ جي عوامي رابطي واري شعبي مان جاري پڌرنامي موجب چيف جسٽس آف پاڪستان سان ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي سعد اختر پروانه ۽ ڊين نسٽ لا اسڪول محمد نواز واهلا سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي وچ ۾ اداري جاتي تعاون جي اهميت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ڪمانڊنٽ نيشنل پوليس اڪيڊمي، چيف جسٽس کي پوليس آفيسرن جي تربيتي پروگرامز کان آگاهه ڪيو. چيف جسٽس چيو ته ٻنهي ادارن وچ ۾ تعاون سان پوليس آفيسرن جي فوجداري قانون، جاچ طريقيڪار، ثبوت گڏ ڪرڻ ۽ ڪيس جي تياري بابت صلاحيت بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. هن پيشيورائي، قانون کان آگاهه ۽ عوام جو احترام ڪندڙ پوليس آفيسرن جي تربيت ۾ نيشنل پوليس اڪيڊمي جي ڪردار کي ساراهيو. ملاقات ۾ ڊين نسٽ لا اسڪول، چيف جسٽس کي اداري جي قانوني تعليم جي پروگرامز کان آگاهه ڪيو جڏهن ته نسٽ لا اسڪول ۽ فيڊرل جوڊيشل اڪيڊمي وچ ۾ تعاون جي امڪانن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. چيف جسٽس چيو ته پوليس آفيسرن ۽ قانون جا شاگرد انصاف جي فراهمي جي نظام جا اهم حصيدار آهن. معياري قانوني تعليم ۽ تربيت انصاف جي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. هن مستقبل جي باصلاحيت ۽ پيشيورائي قانوني ماهرن جي تياري ۾ نسٽ لا اسڪول جي ڪردار جي ساراهنا ڪئي. ملاقات ۾ تجويز ڪيل تعاون جي آجيان ڪئي. چيف جسٽس صلاحيت، اداره جاتي سگهه ۽ انصاف واري نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ گڏيل قدمن ۾ هر ممڪن تعاون جي خاطري ڪرائي.

بقايا *** 03

آءِ جهڙو آهي. صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي نثار کهڙي چيو ته صوبي جي معاملن بابت اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پاس ٿي چڪو آهي، جڏهن ته ريفرنڊم ڪرائڻ جو حق ڪنهن هڪ فرد کي حاصل ناهي. هن چيو ته ريفرنڊم ڪو طريقيڪار موجود آهي. ان لاءِ آئيني ۽ قانوني طريقيڪار موجود آهي. هن چيو ته جيڪڏهن ريفرنڊم ڪرائڻو آهي ته پهريان معاملو ڪابينا ۾ پيش ٿيندو ان کان پوءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان منظوري ورتي ويندي ۽ آخر ۾ صدر ڏانهن موڪليو ويندو. نثار کهڙي چيو ته ٻن سالن ڪانپوءِ چونڊون ٿينديون آهن ۽ سمورين پارٽين چونڊن ۾ حصو وٺنديون، ته جنهن پارٽي کي اڪثريت حاصل ٿيندي، اها حڪومت ناهيندي. اسيمبلي جي قرارداد بابت ڳالهائيندي هن چيو ته جنهن قرارداد جي ووٽنگ دوران واڪ آئوٽ ڪيو ۽ جن پارٽي اسيمبلي ۾ اچي مناسب نه سمجهيو، مان انهن کي به ٻيهر پاڳاري جهڙو سمجهندس. هن چيو ته جيڪڏهن صوبن واري معاملي تي پير پاڳارو ڪجهه نٿو ڳالهائي ته ان جو ڪردار ان جو ڪيو، ان کي ڇا چئجي.

بقايا *** 04

ي پابندي سميت ڪيترن ئي قدمن جو اعلان ڪيو آهي. اڱاري ڏينهن برطانوي پارليامينٽ ۾ خطاب ڪندي ملي بينڊ چيو ته ڪيس نئون لاڳو ته برطانوي عوام اهو چاهي ٿو ته برطانيا جي دڪانن ۾ آبادين مان ايندڙ شين جي اجازت ڏئي والارجي حمايت ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ گڏيل پابندين وارو نظام قائم ڪيو ويندو جنهن ۾ مناسب مذهبي ڇوٽ پڻ شامل هوندا. غيرقانوني آبادين کي سهولت فراهم ڪندڙن کي مخاطب ٿيندي ملي بينڊ چيو ته کين برطانيا جي سخت پابندين کي منهن ڏيڻو پوندو. هن پارليامينٽ ميمبرن کي ٻڌايو ته برطانيا ان ڳالهه سان اتفاق ڪري ٿو ته اولهه ڪناري جي ڪجهه علائقن ۾ سڃاڻپ جي بنياد تي نسلي صفائي ٿي رهي آهي. ملي بينڊ چيو ته برطانوي حڪومت جي نظر ۾ اولهه ڪناري تي اسرائيلي والار "غيرقانوني" آهي. هن برطانيا ۾ اولهه ڪناري جي غيرقانوني اسرائيلي آبادين جي اشتهارن تي پابندي لڳائڻ جو پڻ اعلان ڪيو. پرڏيهي وزير چيو ته پابندين وارو نظام غيرقانوني آبادين ۽ انهن جي توسيع کي نشانو بڻائيندو اسرائيل کي نه. ملي بينڊ وڌيڪ چيو ته برطانيا انهن "انتها پسند آبادڪارن" تي به پابنديون لاڳو ڪري رهيو آهي جن فلسطيني برادرين خلاف تشدد جي ڪاروائين جي حمايت ڪئي يا انهن کي هٿي ڏني.

بقايا *** 05

ريٽرطور ڪم جاري رکندي جڏهن ته سنڌ حڪومت ڪائونسل جي مدو ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ نئين مڪاني چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڏيندي. بل 2026ع جي مسودي موجب، ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين ڪائونسل جو ڪنوينر هوندو جنهن کي اجلاس جي صدارت ۽ ڪاروائي هلائڻ جو اختيار پڻ حاصل هوندو ميئر يا چيئرمين طرفان تفويض ڪيل واڌو اختيار پڻ ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين استعمال ڪري سگهندو. مسودي موجب، ڪي ايم سي سميت ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن لاءِ ميٽروپوليٽن ڪمشنر جي چيف ايگزيڪيوٽو هوندو يونين ڪائونسل، يونين ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي ۽ ميونسپل ڪميٽي ۽ عوامي تڪرارن جي حل لاءِ ثالثي فورم قائم ڪيو ويندو. فورم ٽن ثالثن تي ٻڌل هوندو جن جي نامزدگي مقامي معتبر ماڻهن مان ڪئي ويندي. مسودي موجب ايس ايڇ او ۽ مقامي عوامي تحفظ ۽ امن امان بابت يونين چيئرمين سان رابطو رکندو جڏهن ته ايس ايس پي پوليسنگ ڪائونسل لاءِ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين يا ڪارپوريشن جي ميئر سان رابطو ڪرڻ جو پابند هوندو. پوليس سان رابطو ضلعي پوليس انتظاميا، فوجداري جاچ ۽ فريادي جي معاملن تي نه ٿيندو. بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۽ سنڌ ڪائونسل غيرقانوني اڏاوتن ۽ بلڊنگ ڪنٽرول جي خلاف ورزين جي نشاندهي ڪري سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي آگاهه ڪندي. مسودي موجب، يونين ڪائونسل پنهنجي علائقي ۾ ڪچري جي مسئلن جي نشاندهي ڪري لاڳاپيل اختيارين کي جاڻ ڏيندي. جڏهن ته عوامي خدمتن سان لاڳاپيل انفرااسٽرڪچر جي هنڌ جي ظاهر ڪرڻ ڪري تفصيلي نقشا تيار ڪرڻا پوندا. ان ڪانسواءِ لوڪل گورنمينٽ ڪميشن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هر ٽن مهينن ڪانپوءِ اجلاس ڪرائڻ لازمي هوندو جنهن ۾ چونڊيل نمائندن ۽ مڪاني حڪومت جي آفيسرن جي تربيت لاءِ ڪائونسلن کي سالياني بجيٽ ۾ فنڊ مختص ڪرڻا پوندا. ڪائونسلون تربيتي پروگرام لاءِ ٻاهر ڪري يا مناسب صورت ۾ آئوٽ سورس ڪرڻ جون مجاز هونديون. جڏهن ته عورتن ۽ معذور ماڻهن جي مسئلن ۽ ڪائونسلن ۾ سندن شرڪت بابت گڏيل رپورٽ پڻ جمع ڪرائڻي پوندي.

بقايا *** 06

پٽيشن تي ٻنهي ڌرين جا دلائل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو. درخواست گذارن جي وڪيل اظهر صديق دليل ڏيندي چيو ته پارلياماني سير حاصل بحث مباحثي ڪانسواءِ جسماني ريمانڊ جي وڌ ۾ وڌ مدت 90 ڏينهن مان گهٽائي 14 ڏينهن ڪئي وئي. پر صدر بعد ۾ هڪ آرڊيننس ذريعي ان کي وڌائي 40 ڏينهن ڪري ڇڏيو هن موقف اختيار ڪيو ته صدر قانون سازي ذريعي پارليامينٽ جي اڳ ۾ ٿيل فيصلي کي تبديل ڪري پنهنجي آئيني اختيارن کان تجاوز ڪيو آهي. وڪيل دليل ڏيندي چيو ته "صدارتي آرڊيننس ذريعي پارلياماني فيصلي کي تبديل ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي" هن وڌيڪ چيو ته آرڊيننس بعد ۾ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويو هو پر ان تي ڪا منظوري نه ورتي وئي. هن چيو ته ان اقدام کي پارلياماني حمايت حاصل نه هئي، هن وڌيڪ دليل ڏنو ته هي آرڊيننس خاص طور تي پي ٽي آءِ جي باني ۽ ٻين کي وڌيڪ مدت تائين جسماني ريمانڊ تي رکڻ لاءِ آندو ويو. وڪيل چيو ته هاءِ ڪورٽ آڏو صرف اهو معاملو ناهي ته آرڊيننس جي مدت ختم ٿي چڪي آهي، پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا صدر وٽ پهرين ئي مرحلي ۾ اهڙي تبديلي ڪرڻ جو آئيني اختيار هو يا نه. هن چيو ته صدر جو آرڊيننس جاري ڪرڻ جو اختيار مطلق يا لامحدود ناهي ۽ ان کي آئين جي حدن اندر استعمال ڪري سگهجي ٿو. اظهر صديق وڌيڪ چيو ته "نه ڪا هنگامي صورتحال هئي ۽ نه ئي ڪو اهڙو غير معمولي واقعو پيش آيو هو جنهن تحت پارليامينٽ جي جوڙيل قانوني ڍانچي کي صدارتي آرڊيننس ذريعي تبديل ڪرڻ جي ضرورت پوي." ڊپٽي اٽارني جنرل ميان فيصل عرفان درخواست جي مخالفت ڪندي عدالت کان ان کي رد ڪرڻ جي درخواست ڪئي، هن دليل ڏنو ته لاڳاپيل آرڊيننس اڳ ئي ختم ٿي چڪو آهي ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ به ساڳئي معاملي تي فيصلو ڏئي چڪي آهي. سرڪاري وڪيل چيو ته درخواست گذار متاثر ڌر ناهي، جنهن ڪري درخواست ٻڌڻ جوڳي ناهي. حڪومت جي اعتراض جو جواب ڏيندي اظهر صديق پنهنجو موقف ورجايو ته آرڊيننس جي مدت ختم ٿيڻ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ آڏو آيل معاملي کي بي اثر ناهي ڪري. پٽيشن ۾ صدارتي آرڊيننس جاري ڪرڻ وقت ڇا اهڙي اختيار پارليامينٽ جي ٺاهيل قانون کي تبديل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو يا نه، واري آئيني سوال کي چيلنج ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 07

ڪري سگهجي جيستائين عورتون ادارن، معيشت ۽ مستقبل جي جوڙجڪ ۾ برابر طور تي حصو نه وٺن. ماليت، ادارا عورتن جي مالي مدد کي يقيني بڻائيندي. اهڙن خيالن جو اظهار ڏينهن هتي اسلام آباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري پاران اهتمام هيٺ پاڪستان وومين ليڊرشپ اينڊ پاليسي سمٽ 2026ع کي خطاب ڪندي ڪيو. وقتي صدر اسلام آباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ۽ سمورن حصيدارن کي هن اهم فورم منعقد ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سمٽ ٻن لازمي قومي ترجيحن عورتن جي قيادت ۽ موثر عوامي پاليسي کي هڪ ڪري ٿي. هن چيو ته ملڪ جي ڀرپور معاشي صلاحيت کي استعمال ۾ آڻڻ جي لاءِ اهو يقيني بڻائڻو پوندو ته عورتون رڳو ترقي مان فائدو وٺندڙ نه هجن پر ڪاروباري شخصيتون، پيشيور ماڻهون، پاليسي سازن، جدت ڪارن ۽ قائدين جي حيثيت سان ان جون فعال محرڪ به هجن. ڪنهن به پس منظر يا علائقي سان تعلق رکندڙ عورتن کي تعليم، مالي وسيلن، ٽيڪنالاجي، منڊين ۽ فيصلاسازي تائين برابر پهچ حاصل هجي. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي مالي مدد سڌوسنئون عورتن جي هٿن ۾ پهچائڻ سان گهرن جي اندر معاشي فيصلاسازن جي طور تي انهن جي ڪردار کي سگهه ملي. اهي باوقار مدد ۽ ذاتي پسند جي وڌيل اختيار طرف تبديلي جي نمائندگي ڪن ٿيون. هن عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته اهو محدود سماجي فڪرمندي ناهي پر اها قومي ترقي جي لاءِ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. هن زور ڀريو ته مالي وسيلن تائين پهچ، ڊيجيٽل شموليت، عورتن جي قيادت هيٺ ڪاروبار، محفوظ ڪم جي جاين، قيادت جي ترقي، رهنمائي ۽ مضبوط مارڪيٽ رابطن تي ڌيان ڏيندي هڪ عملي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ سمٽ جو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. صدر چيو ته اسان کي اهڙو ماحول جوڙڻو پوندو جنهن ۾ عورت جو ڪو ڪاروباري آئيڊيا هجي ته ان کي اڳتي لاءِ مالي مدد حاصل ٿي سگهي. هڪ عورت ڪاروباري شخصيت مارڪيٽ تائين پهچ حاصل ڪري سگهي، پنهنجي قابليت ۽ ميرٽ جي بنياد تي اڳتي وڌي سگهي ۽ صنفي فرق جي بنياد تي رڪاوٽن کان سواءِ مستقبل ۾ قيادت جو خواب ڏسي سگهي. هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ اسان کي انهن عورتن جا طاقتور مثال فراهم ڪري ٿي جن رڪاوٽون ختم ڪيون ۽ ملڪ جي عوامي سفر کي ترتيب ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سيد يوسف رضا گيلاني محترمه فاطمه جناح، بيگم رعنا لياقت علي خان، بيگم شائسته اڪرام الله ۽ اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ذڪر ڪندي انهن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. هن چيو ته عورتن اسان جي قومي ترقي ۽ سڌارن ۾ اهم حيثيت رکنديون آهن. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي ان سفر ۾ هڪ خاص تاريخي مقام حاصل آهي جو هوءَ مسلم اڪثريتي ملڪ جي قيادت ڪندڙ پهرين عورت هئي. وقتي صدر چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو اهو ثابت ڪيو ته عورتون رڪاوٽون ٽوڙي سگهن ٿيون، جيڪي ڪافي عرصي تائين ناممڪن ڏسڻ ۾ اينديون هيون. سندس ميراث اڄ به عورتن کي عوامي زندگيءَ ۾ اچڻ، ادارن جي قيادت ڪرڻ ۽ قومي فيصلاسازي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اڀاري ٿي. هن چيو ته اسان جو گڏيل مقصد اهڙو نظام جوڙڻ هجڻ گهرجي جيڪو رڪاوٽون ختم ڪري ۽ برابر موقعا يقيني بڻائي. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته اسان کي اهڙي معيشت جوڙڻي پوندي جنهن ۾ عورتون اعتماد سان ڪاروبار قائم ڪري سگهن، اهڙيون ڪم جون جايون جتي عورتن جي قابليت جو قدر ڪيو وڃي ۽ اهڙا ادارا جتي انهن جي قيادت کي سگهه ملي. [illegible] جمهوريت ۽ عورتن جي شرڪت رڳو علامتي نه هجي، پر ان جو لازمي حصو هجي. [illegible] مالي اداري جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. سرمائي تائين پهچ آسان بڻائڻ جي ضرورت آهي. وقتي صدر چيو ته تعليمي ادارن کي لاڳاپيل مهارتون فراهم ڪرڻيون پونديون جڏهن ته نجي شعبي کي جامع ۽ باوقار ڪم جون جايون جوڙڻيون پونديون. هن چيو ته چيمبرز آف ڪامرس رهنمائي، رابطن، مارڪيٽ تائين پهچ ۽ عورتن جي قيادت هيٺ ڪاروبار جي مدد ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته جڏهن عورتون قيادت ڪن ٿيون ته خاندان خوشحال ٿين ٿا، جڏهن عورتون ترقي ڪن ٿيون ته برادريون مضبوط ٿين ٿيون ۽ جڏهن عورتون برابري جي بنياد تي حصو وٺن ٿيون ته جمهوريت مضبوط ٿئي ٿي. هن وومين ليڊرشپ اينڊ پاليسي سمٽ 2026ع جي ڪاميابي جي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني اسلام آباد چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي نمايان ميمبرن ۽ شيلڊز ۽ سرٽيفڪيٽس ورهايا. وقتي صدر کي اسلام آباد چيمبر پاران سوينئر پڻ پيش ڪيو ويو.

بقايا *** 08

جي ضمانت واري درخواست سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ رد ڪري ڇڏي آهي. فريادي يعقوب گڏاڻي موجب، جوابدار اصغر لنڊ پاران ضمانت لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي هئي، جنهن تي عدالت فيصلو ٻڌائيندي درخواست رد ڪري ڇڏي. گهوٽڪي ضلعي جي ميرپور ماٿيلو سان تعلق رکندڙ صحافي نصرالله گڏاڻي تي 21 مئي 2024ع تي قاتلاڻو حملو ڪيو ويو هو جنهن ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. کيس علاج لاءِ ڪراچي جي آغا خان اسپتال منتقل ڪيو ويو هو جتي هو 24 مئي 2024ع تي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي چڪو هو. عدالتي حڪم تحت [illegible] سندس ٻن پٽن، ميونسپل ڪميٽي ميرپور ماٿيلو جي چيئرمين شهباز لنڊ ۽ نور محمد لنڊ، جڏهن ته برڪت لنڊ ۽ اصغر لنڊ کي پڻ قتل ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو آهي. هيل تائين پوليس صرف جوابدار اصغر لنڊ کي گرفتار ڪري جيل موڪليو آهي، جڏهن ته باقي نامزد جوابدار ضمانت تي آزاد آهن.

بقايا *** 09

وفنانس بينڪ لون فراڊ ڪيس ۾ 3 فرار ٿيل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايف آءِ اي موجب، گرفتار جوابدارن ۾ عبدالرحمان، محمد مزمل ۽ فيصل نبي شامل آهن. جوابدارن تي 130 قرض ڪيسن ۾ جعلي ڪاروباري پروفائل ناهڻ، مناسب فيلڊ تصديق ۽ ضروري چيڪن کان سواءِ قرض ڪيسن کي پروسيس ڪرڻ ۽ پئسا ورهائڻ جو الزام آهي. ايف آءِ اي جي عملدارن موجب، مبينا فراڊ جي نتيجي ۾ بئنڪ کي 44.2 ملين رپين جو مالي نقصان ٿيو. گرفتار جوابدارن کان ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته ٻين ملوث ماڻهن جو ڪردار پڻ جاچيو پيو وڃي. ايف آءِ اي سرڪل چوي ٿي ته مالي فراڊ ۽ بئنڪن کي نقصان پهچائڻ ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن تفريق ڪاروائي جاري رهندي.

بقايا *** 10

گيشن ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي. عدالت قرار ڏنو ته جي آءِ ٽي دهشتگردي جي ڪيسن ۾ جوڙي ويندي آهي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جو چالان منظور ڪرڻ ۽ سرڪاري ادارن کي ڪيس ۾ جوابدار بڻائڻ يا نه بڻائڻ بابت فيصلو ڪرڻ جو عنديو ڏيندي ٻڌڻي 18 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. سٽي ڪورٽ ۾ گل پلازا آتشزدگي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ تنوير پاستا سميت ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران جوابدارن جي وڪيل جاويد مير ڪيس جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جي درخواست داخل ڪئي، تنهن هوندي به عدالت اها درخواست رد ڪندي قرار ڏنو ته جي آءِ ٽي عام طور تي دهشتگردي جي ڪيسن ۾ جوڙي ويندي آهي. ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر حسن پٽي موقف اختيار ڪيو ته جوابدار تنوير پاستا کي واقعي جو سڀ کان وڌيڪ غفلت جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي. سندس چوڻ موجب تنوير پاستا باهه لڳڻ ڪانپوءِ فائر برگيڊ کي بروقت اطلاع ڏيڻ لاءِ ڪال نه ڪئي. ٻئي طرف دفاعي وڪيل جاويد مير جاچ جي طريقيڪار تي اعتراض ڪندي الزام لڳايو ته نئين جاچ آفيسر به ادارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته عدالت پاران سرڪاري ادارن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. دفاعي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته تنوير پاستا بلڊنگ جو مالڪ ناهي، جڏهن ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) پاران هن مبينا طور اصل بلڊر خلاف ڪاروائي نه ڪئي وئي. هن چيو ته سانحي ۾ 70 کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿيا، ڪي ايم سي، اي سي، فائر برگيڊ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي ڪميوارين کان آجو قرار ڏنو ويو آهي. جاويد مير عدالت کي ٻڌايو ته باهه گرائونڊ فلور تي لڳي، جتي ڪو به ماڻهو فوت نه ٿيو، جڏهن ته ان جي موجب 5 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيو ويو. سندس دعويٰ هئي ته اڪثر فوتگيون باهه لڳڻ بدران ادارن جي مبينا غفلت ۽ نااهلي سبب دم گهٽجڻ جي ڪري ٿيون. [illegible] دفاعي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته [illegible] ادارن جي غفلت سبب [illegible]. جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته [illegible] ڪاروائي ڪئي وئي آهي. جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته 16 اڏاوت جا گرائونڊ فلور تي موجود هئا. جنهن سبب اتي موجود ماڻهن کي ٻاهر نڪرڻ ۾ آساني رهي ۽ [illegible]. سنڌس موجب امدادي ڪاروائي دوران لاڳاپيل ادارن جي ڪردار تي [illegible]. عدالت ٻنهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ڪيس جي ٻڌڻي 18 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 11

۾ ريلوي ٽريڪ کي نقصان پهتو آهي، جنهن کان پوءِ اپ ٽريڪ مڪمل طور تي بند آهي، جڏهن ته ڊائون ٽريڪ تي گاڏين جي آمدرفت جاري آهي. ريلوي عملدارن چيو آهي ته متاثر ٽريڪ جي مرمت ۾ وقت لڳي سگهي ٿو. لاهور کان ڪراچي ويندڙ گاڏي [illegible] کي روڪيو ويو آهي. ماڻهن جي وڌيڪ آمدرفت لاءِ 2 ڏينهن اڳ ڪيترين اسٽيشنن تي گاڏين جي روانگي ۾ دير جون شڪايتون سامهون آيون آهن.

بقايا *** 12

ي جي علاج لاءِ دور دراز جي علائقن ۽ موجود اسپتالن ڏانهن وڃڻو پوندو هو. اها ڳالهه وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال ٽيلي ميڊيسن سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چئي. هن چيو ته حڪومت عوام کي جديد طبي سهولتون انهن جي گهر جي درواز تائين فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجن ٻارن کي پوليو کان بچائڻ جا ڦڙا ضرور پيارين، هر ٻار کي پوليو کان بچائڻ جا ٻه ڦڙا پيارڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٽيلي ميڊيسن سينٽرز ذريعي فائدو حاصل ڪندڙ مريض جي خدمت جيڪا عمل آهي جنهن جي ڪاميابي تي پوري ٽيم ۽ وفاقي وزير منصوبي جي ڪاميابي لاءِ مبارڪباد ڏني. هن چيو ته هي اهڙو عمل آهي جنهن جي مرڪز ۾ عوامي خدمت آهي ته ان جي مرڪز ۾ عوامي خدمت جي ڪري وڌيڪ ترقي ڏني ويندي ته جيئن وڌ کان وڌ مريض فائدو حاصل ڪري سگهن.

بقايا ***

آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ گهرو وزير وقت سرڪاروائي ذريعي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه صلاحيتن جي واکاڻ ڪندي چيو ته 11 پارٽي اسپانسرڊ دهشتگردن کي جهنم پهچائي سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن کي سلام پيش ڪري ٿو. محسن نقوي عزم ظاهر ڪيو ته سيڪيورٽي فورسز ملڪ دشمن عنصرن ۽ پرڏيهي پشت پناهي ۾ پلجندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي. فورسز جا بهادر جوان قوم جو سرمايو آهن ۽ سڄي قوم دهشتگردي خلاف هن جنگ ۾ پنهنجي جوانن سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا *** 14

ي وٺي جنهن ۾ چيني عملدارن، سفارتڪارن، پاڪستاني ڪميونٽي، ميڊيا نمائندن، ڪاروباري شخصيتن ۽ سفارتي برادري جي ميمبرن شرڪت ڪئي. تقريب ٻنهي ملڪن وچ ۾ عوامي ۽ ادارا جاتي سطح تي موجود مضبوط رابطي جي عڪاسي ڪئي. پاڪستاني سفير خليل هاشمي چين ۾ پنهنجي اٽڪل 34 مهينن جي سفارتي دور جو ذڪر ڪندي چيو ته ملڪ جي مختلف حصن جي وسيع دورن ڪين چين جي ترقياتي تجربي ۽ عالمي تعاون جي حوالي سان ان جي موقف کي بهتر طور تي سمجهڻ جو موقعو ڏنو. انهن تجربن کان گڏيل ترقي، گڏيل سلامتي ۽ گڏيل تهذيب تي ٻڌل قدمن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي. هن چيو ته انهن تجربن ڏيکاريو ته ڪيئن گڏيل خوشحالي، گڏيل ترقي، گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون ۽ گڏيل مستقبل جهڙن تصورن کي بهتر طور تي سمجهي سگهجي ٿو. هن چيو ته چين جي پرامن ترقي سندس موقف ۽ هڪ ٻئي جي مدي واري سوچ کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي. هن چيو ته سندس سفارتڪاري دور ۾ پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن کي صرف حڪومت ۽ حڪومت تائين محدود رکڻ بدران ڪاروباري ادارن وچ ۾ ۽ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو. هن مختلف قدمن جو ذڪر ڪندي چيو ته ان چين جي عظيم ديوار تي پاڪستان ــ چين فيشن شو، ثقافتي ڪنسرٽس، پروگرام، پاڪستان فوڊ فيسٽيول جهڙا پروگرام ٻنهي ملڪن جي عوام ۽ ثقافتن کي هڪ ٻئي کي ويجهو آڻڻ ۾ اهم ذريعا ثابت ٿيا. اسان ڪاروباري سطح سان گڏوگڏ عوامي سطح تي به تمام گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻ ۽ ڪامياب رهياسين هن چين ۾ چار نوان پاڪستان اسٽڊيز سينٽرز قائم ٿيڻ جي ڳالهه ڪندي چيو ته هن وقت چين ۾ پاڪستان اسٽڊيز سينٽر، شانڊونگ، لياونگ ۽ هانگ ڪانگ ۾ قائم ڪيا ويا آهن هن چيو ته هي پاڪستان ۽ چين جي دوستي، گڏيل سمجهه ۽ وڌيڪ ڪاروبار، سيڪيورٽي ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون لاءِ بهترين پليٽ فارم آهن. خليل هاشمي پنهنجي سفارتي دور دوران دوستي، تعاون ۽ حمايت تي چيني عملدارن ۽ ساٿين جو خصوصي شڪريو ادا ڪيو. هن چيو ته پاڪستان ۽ چين جي دوستي ٽورو مضبوط آهي ۽ هن جي سفارتخاني جي ساٿين کي ڪامياب ٿيڻ جي دعا ڪئي. هن اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان جي ڪانسولر پاڪستان ۽ چين لاءِ جيئن ڪجهه حاصل ڪرڻ ۽ ڪامياب ٿيڻ. هن چيو ته پاڪستان جي قونصل خانن جي ساٿين جي ڪاميابي لاءِ دعائون ڪيون. هن چيو ته پاڪستاني ڪميونٽي پنهنجي پيشه ورانه ڪاميابين جي ذريعي ٻنهي ملڪن جي دوستي کي اڳتي وڌائي رهي آهي.

بقايا *** 15

نئين سر تعمير ڪانپوءِ آبپاري جي ٿاڻي جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو. افتتاح ڪانپوءِ گهرو وزير ٿاڻي جي مختلف شعبن سميت ايس ايڇ او آفيس، ڊي آر سي، انڪوائري آفيس ۽ ويٽنگ ايريا جو معائنو ڪيو ۽ ڪائونٽرز تي شهرين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو وٺي اطمينان جو اظهار ڪيو. هن ڊسپيوٽ ريزوليوشن ڪميٽي جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي ۽ تڪرارن جي حل ۾ سندن ڪردار کي ساراهيو. محسن نقوي پوليس آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته ان منصوبي جو بنيادي مقصد عوام کي جديد، باوقار ۽ عوام دوست پوليسنگ ماحول فراهم ڪرڻ آهي. هن تاڪيد ڪئي ته ٿاڻن تي اچڻ وارن شهرين سان عزت ۽ احترام سان پيش اچي ۽ انهن جا مسئلا بروقت حل ڪيا وڃن. شهرين جي درخواستن تي ترت ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي. هن چيو ته شڪايت جي فوري ازالي لاءِ اهو يقيني بڻايو وڃي ته ڪنهن کي به شڪايت جو موقعو نه ملي ۽ جلد انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا *** 16

شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو آهي. جنهن سان ڪيس ۾ گرفتار شڪي ماڻهن جو ڪل تعداد 5 تي پهچي ويو آهي. پوليس اختيارين موجب، گرفتار شڪي ماڻهن ۾ سيڪيورٽي گارڊ گل شير ۽ ڊرائيور تاج محمد شامل آهن. جڏهن ته شوڪت علي، عمران علي ۽ غلام عمر کي اڳ ئي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب ٻئي ملوث شڪي ماڻهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن واقعي جي ڪيس ڪاهه سچل پوليس اسٽيشن ۾ پروفيسر عارف خان ساٿي جي شڪايت تي داخل ڪيو ويو هو، جنهن ۾ 3 کان 4 نامعلوم شڪي ماڻهن خلاف تشدد، ايذاءُ ۽ قتل جي ڪوشش جون ڏفعات تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. پوليس موجب، پروفيسر عارف خان ساٿي صبح جو پنهنجي ساٿي پروفيسر وحيد الرحمان سان گڏ ڪراچي يونيورسٽي جي گيٽ تي موجود هئا، جتي صفورا چورنگي ويجهو هڪ ريسٽورنٽ مان هڪ ڊبل ڪيبن گاڏي نڪري رهي هئي. ڪار ڪار ڊرائيور تيز رفتاري سان ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته ڊبل ڪيبن گاڏي جي ڊرائيور گاڏي کي سڌو کيس ۾ هڻي ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 17

نيشنل اي او سي موجب، فرنٽ لائين پوليو ورڪرز جي روزاني معاوضي ۾ 28 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. روزاني معاوضي ۾ واڌ ايندڙ پوليو مخالف مهم کان لاڳو ڪئي ويندي. نيشنل ڪوآرڊينيٽر ايڪو رضا فاروق چيو آهي ته ايندڙ پوليو مخالف مهم ملڪ جي 115 ضلعن ۾ 21 کان 27 سيپٽمبر تائين منعقد ڪئي ويندي. هن چيو ته هي قومي پوليو مخالف مهم ۾ 31 ملين کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويندا.

بقايا *** 18

ي هن چيو ته سنڌ حڪومت نئين ويڪسين ۽ وبائن بابت اهم قدم کنيا آهن. جن مان پهريون ڪينسر جي حادثن کان بچاءُ لاءِ انهن گاڏين جي سي اين جي ۽ ايل پي جي ڪٽس جي استعمال تي پابندي هئي. هن چيو ته اهي گاڏيون نه رڳو اسڪول وينز ۾ ٻارن لاءِ خطرناڪ آهن پر عام مسافرن لاءِ به ان جو استعمال انتهائي خطرناڪ آهي. هن چيو ته گاڏين ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي سلنڊرن جي استعمال تي پابندي لڳائي وئي آهي. انهن ڪري انهن جي حفاظت حڪومت جي اولين ترجيح آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت

بقايا *** 19

سيني لاڳاپيل گاڏين لاءِ فٽنس سرٽيفڪيٽ لازمي قرار ڏنو آهي، جڏهن ته ڊجيٽلائيزڊ فٽنس سرٽيفڪيٽ ۽ روٽ پرمٽ سسٽم پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي. هن چيو ته ماضي ۾ گاڏين جو رڪارڊ دستي طور تي رکيو ويندو هو ۽ روٽ پرمٽ سميت ٻين دستاويزن جو مڪمل رڪارڊ نه هو. جڏهن ته، گذريل هڪ سال دوران سڄو سسٽم ڊجيٽلائيز ڪيو ويو آهي. هن دعويٰ ڪئي ته سنڌ پاڪستان جو پهريون صوبو آهي جتي ٽرانسپورٽ فٽنس ۽ روٽ پرمٽ سسٽم کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو هڪ وڏو ۽ انقلابي قدم آهي. سينئر وزير چيو ته حڪومت ٽرانسپورٽ قانونن تي عمل درآمد لاءِ سخت قدم کنيا آهن انهن گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي آهي جن جا ڪاغذ نامڪمل آهن يا جن جي ڊرائيورن وٽ لائسنس نه آهن. جڏهن ته اهي گاڏيون جيڪي فٽنس معيار تي پوريون نه ٿيون انهن کي ضبط ڪيو ويندو. هن چيو ته سنڌ حڪومت ٿرڊ پارٽي ذميواري انشورنس سسٽم پڻ شروع ڪيو آهي ته جيئن ڪنهن بدقسمت حادثي جي صورت ۾ متاثرين کي بروقت معاوضو فراهم ڪري سگهجي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته روڊن تي ٽريفڪ ۽ گاڏين جي حفاظت ۽ چيڪنگ جو عمل جاري آهي، خاص طور تي عيد ۽ ٻين تهوارن جي موقعي تي سرپرائز چيڪ ڪيا ويندا آهن خلاف ورزي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي ۽ جرمانو پڻ لاڳو ڪيو ويو آهي. هن چيو ته گاڏين جي حفاظت بابت پڻ قدم کنيا ويا آهن ۽ لاڳاپيل گاڏين ۾ حفاظتي انتظام لازمي قرار ڏنا ويا آهن. هن ڪراچي جي ٽريفڪ مسئلن جو حوالو ڏيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهر ۾ ٽريفڪ جي دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ اندروني سڙڪن ۽ بس جا روٽ تبديل ڪيا ويا آهن. مسافرن جي سهولت لاءِ هڪ مفت شٽل سروس شروع ڪئي وئي آهي جيڪا اڄ به جاري آهي. هن چيو ته شهري تاج ڪمپليڪس، ڪينٽ ۽ ٻين هنڌن کان هن شٽل سروس ذريعي بغير ڪنهن ڀاڙي جي سفر ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته ڪراچي کان ٻين شهرن ڏانهن ويندڙ مسافر پڻ هن سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. سينئر وزير چيو ته هن مفت شٽل سروس وڏي ڪاميابي آهي، انهن هوندي به ڪراچي جي شهرين ۽ پاڪستان جي ماڻهن کي سنڌ حڪومت جا انهن جي مفت ٽريفڪ سفر کي سرڪاري تعريف ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهن جو مقصد ماڻهن کي سهولت فراهم ڪرڻ آهي. هن شهرين تي زور ڏنو ته هو عوام ۾ ٽريفڪ سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ٽريفڪ قانونن جو احترام ڪرڻ گهرجي. ذميواري سان سفر ڪرڻ گهرجي ۽ روڊن تي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ ٽريفڪ قانونن جي پاسداري ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 19

عودي جنگي جهازن يمن جي صوبن مارب، الجوف ۽ تعز ۾ ڪيترائي فضائي حملا ڪيا آهن. رپورٽ موجب الجوف جي ضلعي خب والشعف ۾ 5، صوبي مارب جي علائقي صرواح ۾ 10 صوبي تعز جي علائقي البرح ۾ 5 فضائي حملا ڪيا ويا، صعده جي سرحدي ضلعي غمر ۾ به سعودي فورسز بمباري ڪئي آهي. انهيءَ حوالي سان عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته سعودي قيادت ۾ قائم ٿيل اتحاد ايران نوازن حوثين تي حملن جي تصديق نه ڪئي آهي. ٻئي طرف سعودي سول دفاع شهر خميس مشيط ۾ خطري کان خبردار ڪرڻ جي الارم جاري ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 20

. بلاول ڀٽو چيو ته ڪا به سياسي پارٽي پاڪستان جي مسئلن جو حل نه ڪولي سگهي ٿي، پاڪستان جي سيني مسئلن جو حل جمهوريت ۾ آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته محسن نقوي کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق آهي. مان مطالبو ڪريان ٿو ته هن مسئلي تي قومي اسيمبلي ۾ بحث ڪيو وڃي. محسن نقوي کي گهڻي سياسي تجربي ۾ ايندو آهي. محسن نقوي جي ڪردار تي بحث جي بدران پارليامينٽ ۾ اچڻ گهرجي. هن چيو ته نظام ڇو ناڪام ٿيو آهي؟ حل ڇا آهي؟ جي قومي اسيمبلي ۾ بحث ٿيڻ گهرجي، اهو نه ٿو سگهي ته ڪجهه ڪاروباري ماڻهو فيصلو ڪن ٿا ته ڊسي رها هجن. سيني سياسي پارٽين کي قومي ۽ عوامي معاملن ۾ مصروف رهڻ گهرجي. نظام ۾ مسئلن تي ڪليل بحث ٿيڻ گهرجي. بلاول ڀٽو چيو ته ڪيس آزاد ڪشمير جي چونڊن بابت خدشا آهن. پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته چونڊ سڌارن تي پارلياماني ڪميٽي ٺاهي وڃي. ماضي ۾ جيڪو سوٽو سوٽيو ايندڙ چونڊون صاف ۽ شفاف هجڻ گهرجن.

بقايا *** 21

جي ذريعن موجب، صدر زرداري اڄ پاڪستان روانو نه ٿيندو صدر آصف علي زرداري جي روانگي جو نئون شيڊول سامهون اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 22

وير پوليس موجب، ٻه ڏاڙيل هڪ شهري کي ڦرڻ کان پوءِ ڀڄي رهيا هئا، انهن جو پيڇو ڪرڻ ڪان پوءِ، شهرين هڪ ڏاڙيل کي پڪڙيو ۽ ان تي تشدد ڪيو. هن ۾ ان کي گولي هنئي. جڏهن ته ٻيو ڀڄي فرار ٿي ويو. ٻئي طرف، ڪورنگي ڪازي دي ۾ پوليس سان هٿياربند ڏاڙيلن سان مقابلي جي ۽ هڪ جوابدار ڦرلٽ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. گلشن حديد، گولو گوٺ ۽ ملير ۾ فائرنگ ۽ ڦرلٽ جا واقعا پيش آيا.

بقايا *** 23

ٽن ڪڪڪ ڪهاڻڻ جي باقاعده منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ڪراچي ۾ ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ڪڪڪ ڪهاڻيل ۾ تاز عالمي ٽينڊر جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڪهاڻيل ڪڪڪ صوبن جي طلب ۽ ضرورت موجب ورهائي ويندي. ٽي سي پي موجب ڪهاڻيل ڪڪڪ ٽن فصلن مان حاصل ٿيل هجڻ گهرجي. عالمي سپلائرز کان ڪهاڻيل ڪڪڪ جي گهٽ 50 هزار ميٽرڪ ٽن جي آڇ ٽي سي پي قبول ڪئي ويندي. جڏهن ته ڪهاڻيل ڪڪڪ جي ورهاست ڪراچي ۽ گوادر جي بندرگاهن تي ايس اين ايف آر جي بنياد تي ڪئي ويندي. ڪڪڪ ڪهاڻڻ جي لاءِ بوليون 16 سيپٽمبر تي صبح 11 لڳي 30 منٽن تائين جمع ڪرائي سگهبيون. جڏهن ته بوليون ساڳئي ڏينهن 12 وڳي کوليون وينديون. ٽي سي پي طرفان عالمي ٽينڊر ۾ درآمد بابت اهم شرطون به مقرر ڪيون ويون آهن ٽي سي پي موجب ٻاهران ڪهاڻيل ڪڪڪ صوبن جي طلب ۽ ضرورت کي آڏو رکندي ورهائي ويندي. گذريل درآمدي ڪڪڪ مان 3 لک ٽن سنڌ، 2 لک 50 هزار ٽن پنجاب ۽ 2 لک ٽن خيبرپختونخواهه کي فراهم ڪئي ويندي. ملڪي سطح تي ڪڪڪ جي سالياني کپت تقريبن 3 ڪروڙ 13 لک ٽن آهي. اقتصادي سروي 2025_26 موجب ڪڪڪ جي پيداوار 2 ڪروڙ 96 لک 10 هزار ٽن رهي، جڏهن ته ماهرين موجب جولاءِ جي پهرين هفتي تائين پاسڪو وٽ 17 لک 83 هزار ٽن ڪڪڪ موجود هئي.

بقايا *** 24

جي دير رات اڻڄاتل هٿياربندن جي پوليس موبائل تي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ۽ ٻيو سخت زخمي ٿي پيو ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر (ڊي پي او) جي ترجمان شوڪت خان پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو ته صابر آباد ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس پارٽي معمول جي گشت تي هئي ته مٿن انڌا دهند فائرنگ ڪئي وئي. ترجمان موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪانسٽيبل زعفران موقعي تي ئي شهادت ماڻي، جڏهن ته ڪانسٽيبل محمد امتياز سخت زخمي ٿي پيو پوليس اهلڪارن جي مڙهه ۽ زخمي کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي کانپوءِ ڊي پي او عمران خان جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏي نفري موقعي تي پهچي پوري علائقي کي گهيري ۾ وٺي حملي آورن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته ماڻهن جي حرڪتن تي نظر رکڻ ۽ حملي آورن جي فرار ٿيڻ واري ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ مختلف هنڌن تي اضافي نفري تعينات ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف، پاڪستان انسٽيٽيوٽ فار ڪنفلڪٽ اينڊ سيڪيورٽي اسٽڊيز (PICSS) جي ماهوار انگن اکرن موجب خيبر پختونخواهه ۾ جولاءِ جي مقابلي ۾ آگسٽ مهيني دوران دهشتگرد حملن ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. قبائلي ضلعن کان علاوه، خيبر پختونخواهه جي بنيادي ضلعن ۾ آگسٽ دوران 54 دهشتگرد حملا ٿيا. جڏهن ته جولاءِ ۾ اهي حملا 36 هئا، جنهن جو مطلب حملن ۾ 50 سيڪڙو واڌ ظاهر ٿئي ٿي، تنهن هوندي به، آگسٽ ۾ دهشتگرد حملن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ شهادتون 44 رهيون جو جولاءِ جي 69 شهادتن کان گهٽ هيون. ان کان اڳ، آگسٽ مهيني ۾ ڪرڪ ضلعي ۾ پوليس موبائل تي ريموٽ ڪنٽرول بم (IED) حملي جي نتيجي ۾ هڪ ڪانسٽيبل شهيد ۽ 6 اهلڪار زخمي ٿي پيا هئا.

بقايا *** 25

آهي. پوليس لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ۽ واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب، موت جا ڪارڻ جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سامهون اچي سگهندا.

بقايا *** 26

ت ڳالهين لاءِ رابطو ڪيو هو. تنهن هوندي به جماعت اسلامي اِن وقت معذرت ڪئي هئي. جماعت اسلامي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ تجويزون طلب ڪيون آهن اسان ڳالهين لاءِ سنجيده آهيون ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ پنهنجون تجويزون حڪومت کي ڏئي رهيا آهيون. جيڪڏهن پيٽروليم ليوي ختم نه ڪئي وئي ۽ حڪومت ڳالهين ۾ سنجيدگي جو مظاهرو نه ڪيو ته 10 سيپٽمبر جي رات ايندڙ لائحه عمل جو اعلان ڪيو ويندو 10 سيپٽمبر تي ٿيندڙ ڳالهين جي نتيجن کي ڏسي اسلام آباد مارچ بابت فيصلو ڪنداسين حافظ نعيم جماعت اسلامي جا ذرائع چيو ته 28 سيپٽمبر ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جماعت اسلامي جا 25 اڳئون ڏينهن ملڪ ۾ 25هين ڏينهن داخل ٿي ويا آهن ۽ ڪراچي سميت 32 هنڌن تي احتجاجي ڌرڻا جاري آهن. هن چيو ته اسان ڪانپوءِ گورنر هائوس تي وڏي انگ ۾ عوام موجود هو جڏهن ته اڄ عورتن جو تاريخي جلسو ٿيندو 11 سيپٽمبر تي گوجرانوالا ۽ 12 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ عورتن جا وڏا اجتماع منعقد ڪيا ويندا. حافظ نعيم الرحمان چيو ته پيٽروليم شين تي لاڳو ٽيڪس عوام لاءِ وڏو مسئلو آهي ۽ پيٽروليم ليوي جو عالمي سطح جي قيمتن سان سڌو سنئون تعلق ناهي. بلڪه اها حڪومت جي نااهلي ۽ غلط معاشي پاليسين جو نتيجو آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي حڪومت کي ليوي ختم ڪرڻ لاءِ 6، 7 اهم نقطن تي ٻڌل سفارشون پيش ڪري چڏيون آهن. جڏهن ته اجلاس به 4 ڏينهن اڳ ٿيو هو. هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ پيٽروليم ليوي خلاف قرارداد منظور ٿيڻ خوش آئند ڳالهه آهي. قرارداد ۾ فوري طور تي مضبوط سفارش سان وفاقي حڪومت ڏانهن موڪلي وڃي. پاڪستان پيپلز پارٽي سان ان اختلاف پنهنجي جاءِ تي آهن. تنهن هوندي به عوامي مفاد هن اهم معاملي تي پيپلز پارٽي کي وفاقي حڪومت سان پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ لاءِ ڳالهائڻ گهرجي. ضرورت پئي ته ان مقصد لاءِ سياسي قيادت سان رابطو ڪنداسين.

بقايا *** 27

جي مجموعي امن امان ۽ سياسي صورتحال بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اربع ڏينهن ايوان صدر ۾ پي ٽي ون پنجاب پاران بيان موجب ڏکڻ پنجاب سان تعلق رکندڙ پيپلزپارٽي جي نمائندن جي هڪ وفد پڻ وقتي صدر سان ملاقات ڪئي ۽ کيس پنهنجي پنهنجي علائقن بابت معاملن کان آگاهه ڪيو هڪ وفد ۾ ملتان مان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي جو ڪيٽ هولڊر بيرسٽر مدثر شاهه، پيپلزپارٽي لودران جي ضلعي صدر امداد الله عباسي ۽ ڪبير والا، خانيوال ضلعي مان پيپلزپارٽي جو ٽڪيٽ هولڊر زمان لنگڙيال شامل هئا. بعد ۾ علي عمر علوي پڻ وقتي صدر سان ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا *** 28

جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪاروائيون ڪيون ويون. آءِ ايس پي آر موجب، 6 سيپٽمبر تي دهشتگردن خاران ۾ روڊ بلاڪ ڪري ٽريفڪ معطل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي سيڪيورٽي فورسز فوري ڪاروائي ڪندي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 8 دهشتگرد مارجي ويا. ترجمان موجب، 7 سيپٽمبر تي واشڪ جي علائقي ۾ به دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ وڌيڪ 3 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب، ڪاروائين دوران 2.9 ٽن بارودي مواد پڻ هٿ ڪيو ويو جيڪو دهشتگردي جا بم تيار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو.

بقايا *** 29

ڪٽ ۾ حڪمنامو به جاري ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن موجب مالي سال 2024_25 جي اثاثن جا تفصيل جمع نه ڪرائڻ تي زرتاج گل، صاحبزاده حامد رضا ۽ عبداللطيف کي نااهل قرار ڏنو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته گوشوارن جا تفصيل جمع ڪرائڻ تائين اهي اڳوڻا قومي اسيمبلي ميمبر نااهل آهن. اليڪشن ڪميشن موجب ٽئي ميمبر عام چونڊن، ضمني چونڊن، سينيٽ ۽ مقامي حڪومت جون چونڊون وڙهڻ جي لاءِ به نااهل آهن.

بقايا *** 30

ڪس ڪنٽرول ونگ، ويسٽ جي هڪ ٽيم هڪ ڳجهي اطلاع تي ناردن بائي پاس روڊ تي هڪ آپريشن دوران، هڪ ٽرالر مان ڪروڙين رپين جي ماليت جي 102 ڪلوگرام کان وڌيڪ اعليٰ معيار جي چرس ۽ 9 ڪلوگرام برف (ميٿمفيٽامائن) هٿ ڪئي. منشيات ٽرالر/ڪنٽينر جي خفيه خانن ۾ وڏي مهارت سان لڪائي وئي هئي. سنڌ جي نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ، منشيات جي اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ٽرالر نمبر TLK_038 کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو ۽ برآمد ٿيل منشيات کي ضبط ڪندي، منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث هڪ جوابدار محمد صديق کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ منشيات جي اسمگلنگ نيٽ ورڪ ۾ شامل ٻين جوابدارن خلاف ڪاروائي لاءِ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. صوبائي ايڪسائيز وزير سنڌ مڪيش ڪمار چاولا منشيات جي اسمگلنگ جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ تي نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ ضلعي اولهه جي چاپي ٽيم کي مبارڪباد ڏني ۽ انهن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي منشيات فروشن ۽ اسمگلرن خلاف ٻي انتها ڪاروائي جاري رکن.

بقايا *** 31

فوت ٿي وئي. افسوسناڪ واقعو سخي پير پوليس اسٽيشن جي حد ۾ واقع پريت آباد علائقي ۾ پيش آيو، جتي هڪ اوائلي سالن جي ڇوڪري نالي ماڻهو هڪ کليل نالي ۾ ڪري پئي. جنهن جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون آئي آهي. واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڇوڪري رانديڪو ڪندي اوچتو کليل نالي ۾ ڪري پئي. ڇوڪري جي موت کان پوءِ علائقي جا رهواسي احتجاج جي حالت ۾ اچي ويا ۽ قليلي روڊ تي سخت احتجاج ڪندي ٽائرن کي باهه ڏئي ڇڏي. احتجاج جي ڪري قليلي روڊ تي ٽريفڪ جي وهڪري معطل ٿي وئي، جڏهن ته مظاهرين انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته علائقي ۾ سيوريج سسٽم گذريل ٽن مهينن کان خراب آهي. گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي رهيو آهي ۽ نالا اوور فلو ٿي رهيا آهن مقامي رهواسين الزام لڳايو ته بار بار شڪايتن جي باوجود انتظاميا مسئلي جو حل ڪڍڻ لاءِ ڪا به اثرائتي ڪاروائي نه ڪئي. جنهن سبب اڄ هڪ معصوم ڇوڪري پنهنجي حياتي وڃائي ويٺي.

بقايا *** 32

نوان صوبا ۽ وڏيرا قانون ناهيندا ته ظاهر آهي سسٽم ڪولاپس ٿي ڪندي فيسبڪ تي ڪيل پوسٽ ۾ ملڪ ۾ سسٽم جي ناڪامي، نوان صوبا ٺاهڻ بابت سندس جواز واري معاملي تي ردعمل ڏيندي ڪبير پيل چيو ته هن نظام جي تباهي جو سبب آهي هڪ جهڙو آبادي آهي. پر غلط ماڻهن جو غلط جڳهين تي ويهڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن بارڊر وارا سسٽم ڪنڊا، ڪرڪيٽ وارا نوان صوبا ناهيندا ۽ وڏيرا قانون ناهيندا ته ظاهر آهي سسٽم ڪولاپس ٿي ڪندو.

بقايا *** 33

ڪرڻ بدران ڀاڻ ئي مسئلن جو مرڪز بڻجندين پيون وڃن. ٽن ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي واري ڪراچي ۾ سرڪاري اسپتالن جو تعداد اڄ ئي ضرورت جي پيٽ ۾ انتهائي گهٽ آهي. جڏهن ته هي صورتحال رڳو پنهنجي شهرين لاءِ نه، پر اندرون سنڌ سميت ملڪ جي مختلف علائقن مان ايندڙ غريب ۽ بي وسيلن مريضن لاءِ پڻ علاج جي آخري اميد سمجهيو ويندو آهي. ان جي باوجود سرڪاري اسپتالن ۾ علاج معالجي جيئي بنيادي شين کي مڪمل علاج، آپريشن ۽ صحتيابي تائين ضروري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي بدران مريضن کي مٿا ڪانسواءِ ٻئي هنڌ يعني نجي اسپتالن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. سي ٽي اسڪين، مختلف طبي ٽيسٽ، ايم آر آءِ، آپريشن ۽ ٻين ضروري تشخيصي ۽ طبي سهولتن جي بنا فرق ڪرڻ ڪانهي يقيني بڻائي وڃي ۽ اسپتالن کي ايترا وسيلا فراهم ڪيا وڃن، جو هر اچڻ وارو مريض هتي ئي مڪمل علاج ڪرائي سگهي.

بقايا *** 34

۽ شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. ان حوالي سان، خاندان جو چوڻ آهي ته شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو ويو آهي، ٻئي طرف، ميڊيڪوليگل آفيسر ڊاڪٽر هيا جي ٻڌايو ته لاش جي ابتدائي پوسٽ مارٽم ڪري رهيا آهن. ان حوالي سان، خاندان جو چوڻ آهي ته اسان ان کي قبول ناهيون. اسان ڪان فارم تي دستخط ڪرايا ويا هئا، ميڊيڪوليگل آفيسر صرف هڪ ٻاهرين معائنو ڪيو ۽ ابتدائي رپورٽ پوليس کي ڏني. پوليس موجب، ته مقتول جي مڙس ۽ ٻيڙي سميت 4 ماڻهن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. هن جي هاڻ کانپوءِ گهرجي ته عورت جي لاش 2 سيپٽمبر تي اسلام آباد جي بحريه ٽائون ۾ سندس گهر مان ملي هئي.

بقايا *** 35

ي ڪي ماري ڇڏيو. جڏهن ته نارٿ ناظم آباد پوليس مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. جڏهن ته ملزم جو ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل منگهوپير ڊويزن پوليس ناڪابندي دوران شڪي ماڻهن سان فائرنگ جي تبادلي دوران هڪ شڪي کي ماري ڇڏيو. جڏهن ته ملزم جو ساٿي رات جي اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو. جنهن جي گولا جاري آهي. نيو ڪراچي پوليس سيڪٽر 11_ اي ويجهو مقابلي ڪانپوءِ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. اورنگي ٽائون ۾ شهرين هڪ شڪي کي ڦرلٽ جي ڪوشش دوران پڪڙي ورتو. جوابدار پنهنجي ساٿي جي گولي لڳڻ سان مارجي ويو. فوت ٿيل شڪي پنهنجي ساٿي سان گڏ ڦرلٽ ڪرڻ دوران پوءِ فرار ٿي رهيو هو ته شهرين کيس پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي شڪي ماڻهن فائرنگ ڪئي. شڪي کي سندس ئي ساٿي جي گولي لڳي وئي. سرجاني پوليس فائرنگ جي تبادلي ڪانپوءِ هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. گرفتار ۽ مارجي ويل جوابدارن جي قبضي مان هٿيار، چوري ٿيل سامان، چوري ٿيل ڪارون ۽ موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن.

بقايا عوامي سوچ 01

وليس ڪيٽرن ٿي بدنام آئيس ڊيلرن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن ته پوليس جي سخت تحرڪ سبب ڪيترائي منشيات فروش گهارو شهر ڇڏي فرار ٿي ويا آهن. ايس ايڇ او فدا حسين خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان منشيات جي موذي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف ڏينهن رات آپريشن ڪري رهيا آهيون. قانون جي گرفت کان ڪو به منشيات ڊيلر بچي نه سگهندو ۽ آئيس سميت هر قسم جي منشيات جو خاتمو اسان جي اولين ترجيح آهي. هن وڌيڪ چيو ته منشيات گهارو شهر جي نئين نسل ۽ جوانن جي مستقبل کي تباهه ڪري رهي آهي، جنهن کي هر صورت ۾ روڪيو ويندو. ايس ايڇ او گهارو عوام ۽ شهري سماج کي اپيل ڪندي چيو ته منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث سمورن سفيد پوش ۽ روپوش عنصرن جي نشاندهي ڪئي وڃي. منشيات خورن ۽ ڊيلرن بابت معلومات ڏئي پوليس سان تعاون ڪيو وڃي. عوامي سهڪار سان ئي گهارو شهر کي منشيات جهڙي لعنت کان مڪمل طور تي پاڪ ڪري سگهجي ٿو. مقامي شهرين پاران ايس ايڇ او فدا حسين خاصخيلي جي ان عملي قدمن جي تعريف ڪئي وئي آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي آهي ته ان آپريشن سان شهر ۾ امن امان ۽ نئين نسل جو مستقبل محفوظ ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 02

پي (SSP)سانگهڙ ۽ ايس ڊي پي او (SDPO)صاحب ٽنڊو آدم جي هدايتن تي، انسپيڪٽر بي سيڪشن محمد حنيف مهر پنهنجي عملي سميت هڪ جوابدار رياض احمد رند ولد علي گل رند کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار وٽان 30 بور جا 10 رائونڊ، هڪ وي وو (Vivo) موبائيل فون ۽ هڪ امپريس (Impress)موٽر سائيڪل (ماڊل 2025) هٿ ڪئي وئي؛ ان سلسلي ۾ ٿاڻي بي-سيڪشن ٽنڊو آدم ۾ سنڌ آرمز ايڪٽ جي قلم 24 تحت ايف آءِ آر (FIR)نمبر 135/2026 داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

ر ٽنڊوآدم حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ بلديه جي عملي محمدي چوڪشاهي بازارميمڻ هسپتال واري گلي سميت ٻين علائقن ۾ دڪاندارن پاران ڪيل غيرقانوني حدخلين کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ دڪاندارن کي تنبيه ڪئي ته آئنده غيرقانوني حدخلين جي شڪايت ملي ته قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا عوامي سوچ 04

ل ٽي ڊي ايم) ، هيڊ ڪانسٽيبل اسلم ڏيرو ۽ ٻئي عملي سان گڏ لانجواڻي موڙ ويجهو گشت ڪري رهيا هئا. گشت دوران هٿياربند پوليس پاران شڪي ماڻهن سمجهي کين للڪاريو جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ جوابدار راهب علي ولد محمد موسيٰ ڪوري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سنڌس وٽان 30 بور جي پسٽل برمد ڪئي جڏهن ته ٻيا 2 جوابدار هر هڪ افضل ولد محمد بچل پنهور ۽ راجا مري شامل هئا جيڪي اونداهي جو فائدو وٺي پوليس پارٽي مٿان فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي جوابدار راهب علي ولد محمد موسيٰ ڪوري خلاف ڪيس نمبر 295/026 (تحت قلم 324، 353، 401، 34 پي پي سي) ۽ ڪيس نمبر 296/026 (تحت قلم 24 سنڌ آرمز ايڪٽ) داخل ڪيو ويو. طرفان: ايس ايڇ او، پوليس اسٽيشن ٽنڊو آدم سٽي.

بقايا عوامي سوچ 05

ي اسلام ڪوٽ لڳ ڳوٺ وي هنگورجا ۾ 18سال جوابوبڪر ولد محمداسماعيل هنگورجو فوت ڪندي جي وڻ تا ڪرندي فوت ٿي ويو ٿرم برسات ن وسڻ جي ڪري ٿرم چتوڏڪار جهنگ ۾ مال لاء گاه چارو ختم مال جي چاري لاء ڪندي جي وڻ تان مال لا پن لاٿڻ لاءچڙيو وڻ جوتارٽٽڻ سبب ڪري پيو بي هوشئي جي حالت ۾ ڪراچي پهتو جتي 10ڏينهن داخل هو پرڪرڻ جوسورن سهندي فوت ٿي ويو ابوبڪر جولاش ڪهر پهچڻ سان قهرام مچي ويوء جنازي نمازم هزار ماڻهو شامل هئا

بقايا عوامي سوچ 06

آفيس توڙي عوامي مسئلن سان لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪيا ويندا جيڪي روزانو بنيادن تي ماڻهن جي مسئلن ۽ شڪايتن کي ٻڌندا ۽ انهن جي حل لاءِ ڪيل قدمن بابت ڊي سي آفيس کي رپورٽ موڪليندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ريسٽ هائوس ڇاڇرو ۾ منعقد ڪيل عوامي ڪليل ڪچهري کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته اڄوڪي ڪليل ڪچهري لڳائڻ جو مقصد اهو آهي ته غريب عوام سان ملي سندن مسئلا معلوم ڪجن ۽ انهن جي حل لاءِ موقعي تي ڪاروائي ڪجي. هن واسطيدار عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي اڄوڪي ڪچهري ۾ عوام پاران پيش ڪيل مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ بابت ڪيس رپورٽ پيش ڪن. ان موقعي تي ڪچهري ۾ موجود ماڻهن پاران شهر ۾ پاڻي جو ڪوٽ، گئوچرن ۽ سرڪاري زمين سميت ڳوٺن جي رستن ۽ گذرگاهن تي ٿيل قبضن کي هٽائڻ، ناياب وٽن جي واڌي، صفائي سترائي، اسپتال ۾ علاج معالج ۽ دوائن جي اڻهوند، ڀڳل، ٽٽل روڊن رستن جي مرمت، نيڪال جي نظام ۾ سڌاري، شهر ۽ ان جي ڀرپاسي منشيات جي وڪري ۽ واهپي، نادرا آفيس ۾ عملي جي کوٽ، نادرا جون گشتي ٽيمون مقرر ڪرڻ سميت ٻيا لاڳاپيل مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون ويون. ڊپٽي ڪمشنر سمورا مسئلا ۽ شڪايتون غور سان ٻڌي انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون، هن اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاڇرو کي هدايت ڪئي ته هو گئوچرن ۽ سرڪاري زمين تي ٿيل قبضن کي فوري ختم ڪرائي ڪيس رپورٽ پيش ڪري. هن عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي سنجيدگي سان عوام جي مسئلن ۽ شڪايتن جو تدارڪ ڪن ٻئي صورت ۾ سندن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي. هن مڪاني ڪاتن سميت ٻين عملدارن کي چيو ته اهي عوام جي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪا جي نظام ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ جٽادار حڪمت تيار ڪن. جڏهن ته موجود وسيلن آهر شهر جي روڊن ۽ پاڙن جي گهٽين جي مرمت کي يقيني بڻائين. ڪليل ڪچهري ۾ ڳالهائيندي ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز چيو سندس آفيس جا در عوام لاءِ کليل آهن ۽ ڪنهن سان به نا انصافي ٿيڻ نه ڏني ويندي، هن چيو ته اڄوڪي ڪچهري ۾ پوليس بابت پيش ڪيل شڪايتن جو فوري تدارڪ ڪيو ويندو، هن پوليس جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته شهر ۾ منشيات جي خاتمي سميت ٻين سمورن غير قانوني ڪمن ۽ ڏوهن جو خاتمو آڻين جڏهن ته شهر ۾ ٽرئيفڪ جي رش کي ختم ڪرڻ لاءِ ٽرئيفڪ پوليس جي وڌيڪ نفري مقرر ڪئي وڃي خاص طور اسڪولن جي موڪل وقت. ڪليل ڪچهري ۾ ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز، ڇاڇرو ۽ ڏاهلي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت ضلعي جي سمورن کاتن جي عملدارن ۽ بنهي تعلقن جي عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 07

طفيٰ صه ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علماءِ ڪرام، نعت خوانن، سماجي ۽ ديني شخصيتن، تنظيم جي عهديدارن ۽ عاشقانِ رسول صه وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مَحفل جي رونق کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو. محفل ۾ حضرت علامه مولانا مفتي محمد دائود جت نعيمي صاحب خصوصي شرڪت فرمائي. ان موقعي تي علماءِ ڪرام پنهنجي پُراثر خطابن ذريعي حضور نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ صه جي سيرتِ طيبه، اخلاقِ حسنه، رحمت، محبت ۽ انسانيت لاءِ ڏنل عظيم تعليمات تي روشني وڌي، جڏهن ته سندن علمي ۽ روحاني خطاب سان حاضرين مجلس جا دل ايماني جذبي سان منور ٿي ويا. محفل دوران رحمتِ عالم نعت خوان ڪائونسل جي صدر احمر علي ميمڻ، اڳوڻي صدر نورالدين جوڻيجو، آصف علي انصاري، محمود علي انصاري، قربان علي انصاري، نياز علي چانڊيو ۽ قمر الدين ٽالپر پنهنجي دلڪش ۽ خوبصورت آوازن ۾ بارگاه رسالت مآب صه ۾ نعتن جا نذرانا پيش ڪري محفل کي روحاني ۽ وجداني رنگ بخشي ڇڏيو. نعت خوانن جي پُرسوز ۽ عقيدت ڀرين نعتن دوران پنڊال ۾ موجود عاشقانِ رسول صه پاران درود ۽ سلام جي صدائن سان سمورو ماحول روح پرور بڻجي ويو. جڏهن مهمانن جي گيلري ۾ ميرانور بخش ٽالپر، ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر، مولوي سائين رمضان ٽالپر ۽ پيار علي ٽالپر پڻ موجود هئا. جن جي شرڪت سان پروگرام جي اهميت ۽ رونق ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. ان کان علاوه ناجيا شاگرد تنظيم نشات ضلع بدين جي صدر نبيب الله ڪوريجو يونٽ صدر اصغر علي ڪوريجو سميت جماعت لواري شريف ۽ ناجيا شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف جي ٻين عهديدارن، ڪارڪنن ۽ سائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نوجوانن پاران محفل جي انتظامن ۾ ڀرپور حصو وٺندي نظم ۽ ضبط سان پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو محفل دوران علماءِ ڪرام ۽ مقرر حضرات حضور اڪرم صه جي بابرڪت زندگي ۽ سيرتِ مبارڪ تي روشني وجهندي فرمايو ته نبي ڪريم صه جي محبت، اطاعت، اخلاق ۽ سنتن تي عمل ئي مسلمانن جي زندگيءَ جو اصل سرمايو آهي. هنن نوجوان نسل کي به تاڪيد ڪئي ته هو تعليم سان گڏ پنهنجي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صه جي سيرتِ طيبه کي پنهنجي زندگيءَ جو عملي نمونو بڻائين. محفل جي پڄاڻيءَ تي ملڪ جي سلامتي، خوشحالي، امن ۽ استحڪام، قوم جي ڀلائي، مسلمانن جي اتحاد ۽ سموري امتِ مسلم جي سلامتي ۽ ڪاميابي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. آخر ۾ پروگرام جو روح پرور اختتام درگاهه لواري شريف جي دستوري دعا "فضل ڪريا رب محمد مصطفيٰ صه جي واسطي" سان ڪيو ويو، جنهن دوران شرڪت ڪندڙن عقيدت ۽ محبت سان هٿ کڻي دعا ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 08

بلڊنگ زبون حال بڻيل آهي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ به روز جا معمول بڻيل آهن. نه اسڪول ۾ واشروم جي سهولت آهي نه پيئڻ جي پاڻي جي اسڪول ۾ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي 3 سو کان مٿي ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اسڪول بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل آهي شڪايتن باوجود ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي اسڪولي شاگردن صوبائي وزير تعليم ۽ متياري ضلعي جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته جلد اسڪول جي بلڊنگ جو مرمت ڪرائي پيئڻ جي پاڻي سميت استادن جي ڪوٽ ختم ڪري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 09

ن آيون آهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسڪول ۾ مقرر استاد باقاعدگي سان اسڪول نٿا اچن، ڪڏهن اچن ٿا ته ڪڏهن غير حاضر رهن ٿا، جنهن سبب معصوم ٻار تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم ٿي رهيا آهن. ڳوٺاڻن موجب، استاد جيڪڏهن اسڪول اچن به ٿا ته ٻارن کي مناسب طريقي سان پڙهائڻ ۽ مقرر وقت مڪمل ڪرڻ بدران وقت کان اڳ اسڪول مان روانا ٿي وڃن ٿا. علائقي واسين تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اسڪولن جي اوچتي چڪاس ڪرائي وڃي ۽ غيرحاضر رهندڙ استادن خلاف ضابطي موجب ڪاروائي ڪري ٻارن جي تعليم جو مستقبل محفوظ بڻايو وڃي. ڳوٺاڻن جو سوال آهي ته جڏهن استاد ئي اسڪولن ۾ موجود نه هوندا ته معصوم ٻار آخر تعليم ڪيئن حاصل ڪندا

بقايا عوامي سوچ 10

پيش ڪري پاڪ فوج ۽ شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي "پاڪستان زنده آباد"، "پاڪ فوج زنده آباد" ۽ "نعرءِ تڪبير" جا نعرا پڻ بلند ڪيا ويا. ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپال محمد علي بليدي خطاب ڪندي چيو ته يومِ دفاع اسان کي پنهنجي شهيدن ۽ غازين جي قربانين کي ياد ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو. شاگرد ملڪ جو مستقبل آهن. کين تعليم سان گڏ وطن سان محبت ۽ قومي ذميوارين جو شعور پڻ حاصل ڪرڻ گهرجي. تقريب ۾ غلام مصطفيٰ ڪوسو سائين محمد جمن ڪوسو وقاص احمد بڪاري، علي شير جت، عبدالخالق ۽ ٻيا استاد پڻ موجود هئا. آخر ۾ پاڪستان جي سلامتي، امن ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 11

و، پوليس، ايڪسائيز لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين سرڪاري کاتن جي ضلعي آفيسرن شرڪت ڪئي گڏجاڻي دوران ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالقدوس ميمڻ مختلف سرڪاري کاتن جي ڪارڪردگي، عوام کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي بروقت حل بابت لاڳاپيل آفيسرن کان بريفنگ ورتي ۽ ضروري هدايتون جاري ڪيون انڊس اسپتال جي هيڊ آف ڪيمپس ڊاڪٽر سڪندر علي ميمڻ کي هدايت ڪندي هن چيو ته ضلعي جي وڏي اسپتال ۾ گهربل طبي سهولتون موجود هجڻ باوجود مريضن کي ٻين شهرن ڏانهن ريفر ڪرڻ جو عمل ڳڻتي جوڳو آهي. هن چيو ته ڪوشش ڪئي وڃي ته مريض کي انڊس اسپتال ۾ ئي وڌ کان وڌ طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. جيئن غريب ۽ مستحق مريضن کي علاج لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻ جي تڪليف برداشت نه ڪرڻي پوي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج چيف ميونسپل آفيسر بدين جي ڪارڪردگي تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو ته چتن ڪتن، مڇرن ۽ صفائي سترائي جي ناقص صورتحال جو نوٽيس ورتو هن چيو ته مڇرن جي واڌ سبب مليريا ۽ ٻين بيمارين جا ڪيس وڌڻ جو خدشو آهي، جڏهن ته چتن ڪتن جي چڪ سبب ريبيز جهڙي موذي مرض جا ڪيس سامهون اچن پيا، جنهن سان انساني جانين کي سنگين خطرو لاحق آهي هن شهر جي روڊن ۽ رستن تي بيٺل گندي ۽ گٽرن جي پاڻي جي فوري نيڪال جي هدايت ڪندي چيو ته خالي پيل پلاٽن ۾ بيٺل گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ پلاٽ مالڪن کي نوٽيس جاري ڪيا وڃن. هن چيو ته مڇرن جي وڌندڙ آزار سبب شهرين لاءِ سڄ لهڻ کان پوءِ گهرن جي اڳڻن ۾ ويهڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي، تنهن ڪري مڇرن جي خاتمي لاءِ عملي ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن روڊن جي ڪنارن تي قائم وٽن جي نرسرين بابت هدايت ڪندي هن چيو ته گٽر لائنن مٿان قائم نرسرين کي هٽايو وڃي، جڏهن ته باقي نرسرين ۽ صفائي سترائي جا مناسب انتظام ڪيا وڃن ته جيئن بيٺل پاڻي سبب مڇرن جي افزائش کي روڪي سگهجي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ بلڊنگ کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته بس اسٽاپن، عدالتن ۽ اسپتالن ۾ عورتن لاءِ الڳ واش رومز جي سهولت فراهم ڪئي وڃي، جيئن ڏورانهن علائقن مان ايندڙ عورتن کي سهولت ۽ عزت سان بنيادي ضرورت پوري ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي هن پوليس سرجن کي هدايت ڪئي ته قتل، زنا ۽ ٻين سنگين ڪيسن ۾ ڪيميڪل ۽ فرانزڪ رپورٽن جي دير سان اچڻ واري معاملي کي سنجيدگي سان حل ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته رپورٽن ۾ دير سبب ڪيسن جي فيصلن ۾ به دير ٿئي ٿي، جنهن سان عوام کي جلد انصاف جي فراهمي جو عمل متاثر ٿئي ٿو روينيو کاتي جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن کي هدايت ڪندي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ چيو ته عوام جا روزمره ۽ روٽين وارا ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن. هن چيو ته روينيو کاتي جي معاملن ۾ غيرضروري دير سبب شهري عدالتن سان رجوع ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا، جنهن سان عدالتن تي ڪيسن جو بار وڌي ٿو ۽ ٻين اهم ڪيسن جي ٻڌڻين ۽ فيصلن جو عمل پڻ متاثر ٿئي ٿو نادرا جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عبدالجبار شيخ کي هدايت ڪندي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ چيو ته ايف آر سي ۽ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ ايندڙ شهرين جي درخواستن ۽ فارمن تي بنا جواز اعتراض نه لڳايا وڃن. هن چيو ته ايف آر سي ۾ شامل غلط ماڻهن جا نالا قانوني طريقيڪار تحت ختم ڪرڻ لاءِ پڻ سهولت فراهم ڪئي وڃي، جيئن شهرين کي غيرضروري پريشاني کان بچائي سگهجي. ٻيلي کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪندي هن چيو ته ضلعي ۾ وڻڪاري مهم شروع ڪئي وڃي، سرڪاري وڻن جي غيرقانوني ڪٽائي کي روڪيو وڃي ۽ ٻيلي کاتي جي اجازت ڪانسواءِ ڪاٽ سان ڀريل ڪنهن به گاڏي کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿيڻ نه ڏنو وڃي آخر ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ چيو ته عوام کي انصاف جي فراهمي عدليه جي پهرين ترجيح آهي. عدالتن ۾ ميرٽ، قانون ۽ دستياب شاهدين جي بنياد تي فيصلا ڪيا ويندا آهن. قانون کان مٿانهون ڪير به ناهي ۽ هر شخص کي قانون جي دائري ۾ رهڻو پوندو

بقايا عوامي سوچ 12

مقصد ضلعي ٺٽي ۾ قائم ڪارخانن، ونڊ پاور منصوبن، سرڪاري ادارن ۽ اين جي اوز ۾ مقامي نوجوانن کي روزگار مهيا ڪرائڻ آهي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ايم پي اين ايم اين ايز ۽ ڊي سي ٺٽو جي خاموشي نوجوانن سان وڏي ناانصافي جي برابر آهي. جڏهن ته مقامي وسيلن تي پهريون حق هتان جي نوجوانن جو آهي، نوجوان بيروزگاري جو شڪار آهن. جيڪو هڪ سنجيده سماجي مسئلو بڻجي چڪو آهي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته: فوري طور تي مقامي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن * ضلعي ۽ هلنڊ سيني منصوبن ۾ مقامي ماڻهن کي ترجيح ڏني وڃي * نوجوانن جي جائز مطالبن کي سنجيدگي سان حل ڪيو وڃي. جيڪڏهن مسئلن جو حل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

بقايا عوامي سوچ 13

ت ٽي ويل 6 ڄڻن جا جنازا هڪ ئي وقت هڪ ئي ڳوٺ حاجي محمد عيسيٰ پنهور مان کڄڻ وقت هر اک آلي ٿي ويئي، سوڳ وارو ماحول ڇانيل. وارثن کي بيهوشي جا دورا، انتظامي توڙي چونڊيل نمائندن متاثر خاندان جي ڪاٻ پرڻيواري نه ڪئي، جيڪي ڪنهن مسيحا جي مدد جا منتظر بڻيل. تفصيل موجب ڪالهه ٺٽي لڳ 103 موري پرسان پير جو ڳوٺ لڳ ڳوٺ حاجي عيسيٰ پنهور مان ٽريڪٽر ٽرالي جي بجلي جي تارن سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ ڪري ملاح برادري جي ٻن عورتن سميت فوت ٿيل 6 ڄڻن الهڏنو، سڪندر، حنيف مختيار، فهميدان ۽ نازيه ملاح جا مڙهه تدفين لاءِ ڳوٺ مان کنيا ويا ته هر اک آلي ٿي ويئي، سمورن فوتين جي اجتماعي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد کين اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندن جنازي نماز ۾ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور، قومپرست اڳواڻ سيد نواز شاهه پاڏائي، اڳوڻي ايم اين اين ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو سميت ضلعي جي مختلف سياسي سماجي شخصيتن ۽ مقامي ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته حادثي ۾ زخمي ٿيلن جو علاج جاري آهي، جتي سندن حالت بهتر ٿي رهي آهي، ياد رهي ته هن خوفناڪ حادثي ۾ ٻن عورتن سميت 6 ڄڻن جي فوت ٿيڻ سميت عورتن ۽ ٻارڙن سميت 19 پورهيت زخمي ٿيا هئا، جن جو علاج مختلف اسپتالن ۾ جاري آهي. واضح رهي ته گذريل ڏينهن ملاح برادري جو هڪ ڪٽنب پير جو ڳوٺ لڳ سارين جو لابارو ڪرڻ بعد لابارو ڪيل سارين جو ان توڙي پلال ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ڪٽائي پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا ته پير جو ڳوٺ پرسان بجاءِ بند وٽ بجلي جي لتڪيل تان سان ٽريڪٽر ٽرالي ٽڪرائجڻ سبب افسوسناڪ حادثو پيش آيو حادثي جو شڪار ٿيلن جو تعلق لابارو ڪري پيٽ گذر ڪندڙ ملاح برادري سان آهي. جن جي گهرن ۾ ڪهرام متل آهي، فوتين جو تڏو ڳوٺ حاجي محمد عيسيٰ پنهور ۾ وڇايو ويو آهي، جتي تعزيتن جو سلسلو جاري آهي، ٻئي طرف ٺٽي لڳ پير جو ڳوٺ پرسان بجلي جي تارن سان ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪرائجڻ سبب سانحي جو ڪيس فوتين توڙي زخمين جي وارثن پاران حيسڪو چيف، ٽريڪٽر ڊرائيور سميت ٻين عملدارن خلاف داخل ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. پر اڃان تائين ضلعي انتظاميا ان معاملي ۾ ڪو به تحرڪ ناهي ورتو ٻئي طرف سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن ڏاڏا آدم گندرو، محمد ايوب ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، محمد عيدن ميربحر، ڊاڪٽر سڪندر ملاح، محمد اشرف ملاح ۽ ٻين ٽريڪٽر ٽرالي حادثي ۾ ملاح برادري جي 6 ماڻهن جي فوت ٿيڻ توڙي ڪيترن ئي پورهيتن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ملاح برادري سان وڏو سانحو پيش آيو آهي، جنهن ڪري سندن گهر اجڙي ويا آهن. سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه، چونڊيل نمائندن کي گهرجي ته فورن فوتين جي وارثن توڙي زخمين جي هر ممڪن مدد ڪري زخمين جو بهتر علاج ڪرائي زخمين جون حياتيون بچائڻ سان گڏ سندن ٿيل نقصان جو ازالو ڪرايو وڃي. هنن چيو ته وزيراعلي سنڌ سميت چونڊيل نمائندن به هن سانحي جو نوٽيس ضرور ورتو آهي، پر متاثر خاندان سان انصاف ٿي ناهي سگهيو سنڌ حڪومت توڙي چونڊيل نمائندن کي گهرجي ته هو متاثر خاندان سان همدردي ڪري انهن کي اتٽ ڏيئي ٿيل نقصان جي ازالي جو پورائو ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

هيلٿ انجينئرنگ ڊپارٽمينٽ جي مبينا عدم توجه سبب مڪلي ۽ ڪوهستاني علائقي جهمپير ۾ قائم آر او پلانٽ زبون حالي جو شڪار ٿي ويا آهن، جڏهن ته پلانٽن تي مقرر آپريٽر پڻ ڪيترن ئي مهينن کان پگهارن کان محروم آهن. ذريعن موجب مڪلي جي ڳوٺ حاجي رسول بخش بروهي ۾ قائم آر او پلانٽ جي ڳري مشينري سبب فرش مڪمل طور تي ٽٽي ڦٽي ويو آهي، جنهن ڪري پلانٽ جي عمارت کي نقصان پهچڻ ۽ ڪنهن به وقت زمين بوس ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي. پلانٽ ۾ لڳل پاڻي جا ميڊيا ڊرم پڻ ٽٽڻ لڳا آهن. ٻئي طرف جهمپير جي آر او پلانٽ کي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ پاران ڊيزل جي فراهمي پڻ مبينا طور گهٽ ڪئي وئي آهي، جنهن سبب پلانٽ جي ڪارڪردگي متاثر ٿي رهي آهي. جيڪڏهن لاڳاپيل اختيارين جي عدم توجه جو سلسلو جاري رهيو ته ٻئي پلانٽ ڪنهن به وقت مڪمل طور بند ٿي سگهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ هزارين ماڻهو پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت کان محروم ٿي سگهن ٿا. آر او پلانٽن تي مقرر آپريٽر اختر بروهي ۽ ٻين ملازمن ٻڌايو ته پلانٽن جي زبون حالي ۽ پگهارن جي عدم ادائيگي بابت ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڪيون ويون آهن، پر اڃا تائين سندن ڪا به ٻڌڻي نه ٿي آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ٺٽي ۾ مختلف اسڪيمن لاءِ ڪروڙين رپين جي بجيٽ موجود هجڻ باوجود آر او پلانٽن جي سار سنڀال ۽ اتي ڪم ڪندڙ عملي جي پگهارن جي ادائيگي تي مناسب ڌيان نه ڏنو پيو وڃي. شهرين ۽ پلانٽن جي عملي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مڪلي ۽ جهمپير جي آر او پلانٽن جي فوري مرمت ڪرائي وڃي، مشينري ۽ عمارتن جي حفاظت لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن ۽ آپريٽرن سميت ٻين ملازمن جون رهيل پگهارون فوري طور ادا ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 15

ڳ، راڻا شهزاد راجپوت ۽ ٻيا دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جونيئر سائنس 40 مارڪون ڪنڊڙ اميدوار گذريل 3 مهينن کان احتجاج ڪيون پيا پر اسان جا احتجاج سنڌ حڪومت جي نظر نه پيا اچن، صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو هو ته جونيئر سائنس ٽيچر جي ٽيسٽ ڏيندڙ سنا استاد هوندا، اڄ اهي ٽيسٽ ڏيندڙ استاد پنهنجي حقن خاطر رستن تي احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن. پاڪستان جي نالي واري صحافي حامد مير چيو آهي ته 1560ميٽرڪ پاس رکندڙ کي استاد ڀرتي ڪيو ويو آهي،سائين جن ان جو نوٽيس جلدي وٺن ٿا پر اسان سنڌ جا نوجوان نظر نٿا اچون جيڪي ٽن مهينن کان سراپا احتجاج آهيون. اشتهارن ۾ 1200 ۽ ڪجه سيٽن جو اعلان ڪيو ويو پر بعد ۾ 1200 کان اهي 8 هزار ٿيو وري 21 هزار به ٿي سگهن ٿيون، ماضي ۾ 30، 33 ۽ 40 مارڪون رکندڙ کي پاس ڪري آفر آرڊر ڏنا ويا پر اسان کي چيو وڃي ٿو ته عدالتي حڪم آهي ته 55 مارڪون رکندڙ کي پاس ڊيڪليئر ڪيو وڃي، اسان 3 مهينن کان سراپا احتجاج بڻيل آهيون ته 40 کان 54 مارڪون رکندڙ جونيئر سائنس ٽيچرس کي ٽيسٽ ۾ پاس ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن، اسان سنڌ حڪومت کان پڇڻ چاهيون ٿا ته اسان نوجوانن ٽيسٽ ڏئي ۽ پريس ڪانفرنسون ۽ احتجاج ڪندا رهون، هنن چيو ته سوين جونيئر سائنس ٽيچر 40 مارڪون رکندڙ نوجوان سخت پريشان آهن، ماضي ۾ 12 هزار استادن جي جڳهه تي 97 هزار استاد ڀرتي ڪيا ويا پر اسان 3 مهينن کان پنهنجي حقن لاءِ دربدر آهيون، پيپلز پارٽي پنهنجي منشور جي اولتو ڪم ڪري رهي آهي سنڌ جي پڙهيل لکيل نوجوانن سان ظلم بند ڪيو وڃي. هنن صوبائي وزير تعليم، سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور جونيئر سائنس ٽيچر ٽيسٽ ۾ 40 مارڪون رکندڙ اميدوارن کي پاس ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن ۽ سنڌ جي نوجوانن مان بيچيني ختم ڪري شهيد راڻي جي منشور مطابق سنڌ جي نوجوانن کي روزگار ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 16

ت نه ڪرڻ جو اعلان تفصيل موجب عوام جي جانين جي تحفظ ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظاميا پاران سرڪاري ادارن ۾ حفاظتي انتظامن جو جائزو وٺڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي غزوت الوثقه گذريل ڏينهن ريسڪيو 1122 جي ٽيم سان گڏ هيڊ ڪوارٽر تعلقه اسپتال روهڙي جو اوچتو دورو ڪيو اسسٽنٽ ڪمشنر اسپتال جي مختلف شعبن، ايمرجنسي وارڊ ۽ فائرسيفٽي جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو جڏهن ته هنگامي صورتحال دوران مريضن،اسپتال جي عملي ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي حفاظت لاءِ موجود سهولتن بابت پڻ معلومات حاصل ڪئي ان موقعي تي سي اي ئي روهڙي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن تحت سرڪاري ادارن ۾ فائر سيفٽي انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ جائزي جو عمل جاري آهي عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ انتظاميا جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته فائر سيفٽي جي رڳو ڪاغذي ڪاروائي تائين محدود نه رکيو وڃي پرهنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا انتظام عملي طور تي فعال ۽ دستياب هجڻ گهرجن انتظاميا عوام جي حفاظت لاءِ پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيندي هوڏانهن تعلقا اسپتال روهڙي جي اضافي چارج رکندڙ ايم ايس ڊاڪٽرشاهد حفيظ شاهاڻي چيو ته ڪيس اسپتال جواضافي چارج تازو مليو آهي تنهن هوندي به اسپتال جي انتظامن،مريضن کي طبي سهولتن جي فراهمي ۽ فائر سيفٽي سميت هنگامي انتظامن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته اسپتال ۾ ايندڙ هر مريض ۽ سندس وارثن جي حفاظت اسپتال انتظاميا جي ذميواري آهي جڏهن ته فائرسيفٽي ۽ ايمرجنسي انتظامن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان مڪمل سهڪار جاري رکيو ويندو دوري دوران ريسڪيو 1122 جي عملي پاران فائر سيفٽي، هنگامي صورتحال ۾ محفوظ ۽ ترت امدادي ڪاروائي بابت پڻ انتظامن جو جائزو ورتو ويو

بقايا عوامي سوچ 17

ٽر پير مجيب الحق جي صدارت هيٺ پيپلز سيڪريٽريٽ پير هائوس دادو ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ پارٽي جي ضلعي، تعلقي، سٽي، يونين ڪائونسل ۽ ذيلي تنظيمن جي عهديدارن، موجوده ۽ اڳوڻن چونڊيل نمائندن، سي اي سي، فيڊرل ۽ سنڌ ڪائونسل جي ميمبرن، سينئر اڳواڻن، بلدياتي نمائندن ۽ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي، گڏجاڻي ۾ ايم اين اي عمران ظفر لغاري، شبنم رفيق مهيسر، اڳوڻو ايم اين اي عمران لغاري، وڏي وزير جي اسپيشل اسسٽنٽ ڪلثوم چانڊيو، ضلعي ڪائونسل دادو جي چيئرمين سيد محمد شاهه، سيتا روڊ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين رئيس قنبر علي خان لغاري سميت پيپلز پارٽي جي مختلف تنظيمن جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي بئريسٽر پير مجيب الحق چيو ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ملڪ ۾ آمريت ۽ جمهوريت کي درپيش خطرن باوجود بهادري سان وطن واپس آئي، هن چيو ته محترمه بينظير ڀٽو هڪ ڀيرو نه، پر ضياءَ الحق جي آمريت ۽ پوءِ مشرف جي دور ۾ ملڪ واپس اچي جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي، هن چيو ته اڄ بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري ۽ سنڌ سان لاڳاپيل اهم مسئلن تي چٽو ۽ بي ڊپو موقف اختيار ڪيو آهي، هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي ورهاست واري ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪندي ۽ سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ڪيو ويندو. بئريسٽر پير مجيب الحق چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سنڌ اسيمبلي ۾ ان معاملي جي تحريڪ التوا پيش ڪئي، جنهن دوران ڪجهه سياسي پارٽين جو موقف ۽ رويو سنڌ جي عوام آڏو واضح ٿي ويو. هن چيو ته جيڪي سياسي جماعتون ٻاهر سنڌ جي ورهاست جي مخالفت جون دعوائون ڪن ٿيون، انهن سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد جي موقعي تي واڪ آئوٽ کي ترجيح ڏني، جنهن سان سندن اصل موقف سامهون اچي ويو. هن وڌيڪ چيو ته دادو ضلعي کي 12 سيپٽمبر تي تاريخي سياسي اجتماع جو اعزاز حاصل ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ ايم آر ڊي جي جلسي سميت سنڌ جي وحدت جي تحفظ لاءِ مضبوط آواز بلند ڪيو ويندو. هن چيو ته دادو جي عوام 12 سيپٽمبر تي ثابت ڪري ڇڏيندي ته سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي جي ورهاست تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو ته دادو کي سياسي جدوجهد جي تاريخ ۾ اهم حيثيت حاصل رهي آهي ۽ 12 سيپٽمبر تي دادو مان اهڙو مضبوط پيغام ڏنو ويندو، جنهن سان سنڌ جي ورهاست جا خواب ڏسندڙ قوتن کي خبر پئجي ويندي ته سنڌ جي وحدت سان کيڏڻ ايترو آسان ناهي، اجلاس کي رئيس قنبر علي لغاري، عرفان ظفر لغاري، عمران ظفر لغاري، سيد محمد شاهه، سردار ياسر خان ٻين، خالد حسين ميراڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ جي ورهاست کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو ۽ پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت، سلامتي ۽ حقن جي تحفظ لاءِ هر سطح تي جدوجهد جاري رکندي

بقايا عوامي سوچ 18

ويو ريسڪيو 1122 مٺي جي انچارج غلام عباس ۽ ٻين عملي پاران ماروي ريسٽ هائوس جي انچارج روهيت ڪمار سميت سموري عملي کي باهه وسائڻ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت عملي تربيت ڏني وئي. تربيتي مشق دوران عملي طور باهه ٻاري فائرايڪسٽنگوشر ۽ ٻين حفاظتي اوزارن جي مدد سان باهه وسائڻ جي مشق ڪرائي وئي، ان کان علاوه باهه لڳڻ وقت فوري قدم کڻڻ، محفوظ هنڌ تي منتقلي ۽ مختلف هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ بابت پڻ عملي سکيا ڏني وئي. ريسڪيو 1122 جي عملي پاران ماروي ريسٽ هائوس جي عملي کي فائر سيفٽي جي مختلف مشينن ۽ اوزارن جي استعمال بابت تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي، جڏهن ته ماروي ريسٽ هائوس جي عملي به تربيتي سيشن ۾ ڀرپور حصو ورتو

بقايا عوامي سوچ 19

هٽ روڪڻ لاءِ مناسب قدم کنيا وڃن قائد ملت جعفريه پاڪستان هاڻي ڳالهه مذمتي بيانن ۽ قراردادن کان اڳتي وڌي چڪي آهي، فلسطين ڪانپوءِ لبناني علائقن کي ضم ڪيو پيو وڃي، عالمِ انسانيت ۽ امتِ مسلمه هوش کان ڪم نه ورتو ته نه ختم ٿيندڙ ظلم جو نظام قائم ٿي ويندو، علامه ساجد نقويءَ جو ردعمل نوابشاهه ( ) قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه سيد ساجد علي نقوي غزه جي تازي صورتحال تي گهري تشويش جو اظهار ڪندي چيو آهي ته تاريخ جي بدترين نسل ڪشيءَ جي باوجود ناجائز صهيوني درنده صفت رياست جي اڃ نه لٿي آهي. سامراج جي پشت پناهيءَ سان اڃ به مظالم جي ڪاري رات ڇانيل آهي. فلسطين جي تاريخي رياست جي اهم حصن ڪانپوءِ هاڻي غزه ۽ لبنان جي آبادين تي قبضي (ضم ڪرڻ) جو سلسلو جاري آهي. صرف مذمتي قدمن ۽ قراردادن جي بجاءِ مناسب عملي قدم کنيا وڃن. انهن خيالن جو اظهار قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه سيد ساجد علي نقوي غزه جي تازي صورتحال، غزه ڪئمپ مان 100 شهيدن جي باقيات، غزه ۽ لبنان جي ڪجه حصن تي قبضي جي خبرن ۽ مسلم ملڪن جي مذمتي بيانن تي ردعمل ڏيندي چيو ته سامراج جي پشت پناهيءَ سان مشرق وسطيٰ ۾ قائم ڪيل ناجائز صهيوني ظالم رياست جي بدترين نسل ڪشي، دهشتگردي ۽ درندگيءَ جي باوجود ان ظالم، جابر ۽ قابض رياست جي رت جي اڃ ناهي لٿي ۽ هاڻي نبين جي سرزمين جي ڪجه اهم حصن تي قبضي ڪانپوءِ غزه ۽ لبنان جي علائقن کي ضمي ڪرڻ جون خبرون به اچي رهيون آهن. جيڪو نه صرف تشويشناڪ معاملو آهي پر عالم انسانيت خصوصاً امت مسلمه لاءِ لمحه فڪريه به آهي. هن چيو ته مذمتي بيانن ۽ قراردادن سان اهو مسئلو حل نه ٿيندو بلڪ انهن ظالمن جي اصل پنيرائي ڪندڙ سامراج کي ان ظالم رياست کي روڪڻ ۽ ظلم جو هٿ جهلڻ لاءِ فوراً مناسب قدم کڻڻا پوندا. جيڪڏهن مصلحت پسنديءَ کان ڪم ورتو ويو ته پوءِ واضح رهي ته هي خطو نه صرف هڪ وڏي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي ويندو، بلڪ ايندڙ نسلن لاءِ ڪابه آزادي نه رهندي ۽ ظلم سان گڏ نه ختم ٿيندڙ غلاميءَ جو نظام قائم ٿي ويندو

بقايا عوامي سوچ 20

راغوا ڪرڻ خلاف پاڪ ڪتاب ڪٽي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين اصغر چهواڻ، گلزار چهواڻ، زربيا خاتون، نازل خاتون چهواڻ ۽ ٻين صحافين آڏو دانهيندي الزام هنيو ته 7 مهينا اڳ نوجوان سردار چهواڻ کي سندس زال زهران چهواڻ مبينا طور ٻن جوابدارن غلام نبي چهواڻ ۽ علي خان ملاح سان ملي قتل ڪرايو هو، جنهن جو ڪيس هن وقت دادو جي عدالت ۾ هلندڙ آهي، هنن الزام هنيو ته قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جا عزيز محمد چهواڻ ۽ محرم چهواڻ کين ڪيس تان هٿ ڪڻائڻ لاءِ مسلسل موتمار ڌمڪيون ڏيندا رهيا آهن. هنن چيو ته ٻه ڏينهن اڳ مبينا طور جوابدار سندن گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي 18 ورهين جي ناري پرويزان ڌيءَ گلزار چهواڻ، کي زبردستي اغوا ڪري ويا آهن، مظاهرين الزام هنيو ته واقعي باوجود پوليس بااثر جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان پاسو ڪري رهي آهي، جنهن ڪري جوابدار قانون کان آجا ٻڌيل آهن ۽ کين سخت خوف ۽ پريشاني لاحق آهي، احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته اغوا ۾ ملوث جوابدارن خلاف فوري طور ڪيس داخل ڪري 18 ورهين جي ناري پرويزان چهواڻ کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

ٿيڻ جو خدشو موجود، اسڪول جا ڪمرا زبون هئڻ سبب شاگرد ڪمرن کان ٻاهر وڻن هيٺ شديد گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن ان ڏس ۾ ڳوٺاڻن داهيندي چيو ته اسان جي اسڪول جي ڪمرن جا زبون حالت بڻيل آهي، ڪنهن به وقت وڏي نقصان جو خدشو موجود آهي، شاگرد وڻن هيٺ شديد گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ڳوٺاڻن وزير تعليم سيد سردار شاهه، ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ملاڻي، ايم پي اي ارباب لطف الله، سينيٽر پونجومل ڀيل، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر کي اپيل ڪئي آهي ته مڊل اسڪول جي بلڊنگ ۽ پرائمري اسڪول جي مرمت ڪرائي وڃي ته جيئن شاگرد بهتر نموني تعليم پرائي سگهن

بقايا عوامي سوچ 22

ورت ڪسٽڊي ۾ ونڃي ڇڏيس دادو ۾ پارڪو آئل چوري ڪيس ۾ اهم اڳيرائي سامهون آئي آهي، دادو جي عدالت پاران 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪرڻ بعد کين جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جڏهن ته ڪيس ۾ مبينا غفلت ڪندڙ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي به ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتو ويو آهي، جن ۾ دادو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ پارڪو جي پائپ لائن مان مبينا تيل چوري جي ڪيس ۾ عدالت اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيو عدالت 6 جوابدارن عيسيٰ پنهور، گلاب ناريجو، مشتاق زنئنور، حاجن باريجو ۽ حاجي محمد موسيٰ پنهور سميت جوابدارن جون ضمانتون رد ڪري ڇڏيون.جوابدارن کي هٿ ڪڙيون هڻي کين جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو ٻئي طرف ڪيس ۾ غفلت جي الزام هيٺ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز اعجاز مسن، غلام حيدر چانڊيو، نديم سولنگي ۽ ڪي اين شاهه جي ايس ايڇ او کي به ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتو ويو آهي، جن کي ٻن ڪلاڪن بعد معافي وٺڻ تي آزاد ڪيو ويو. پوليس موجب پارڪو آئل چوري جي نيٽ ورڪ، سهولتڪارن ۽ ملوث اهلڪارن جو سراغ لڳائڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 23

لچر ڊپارٽمينٽ سنڌ ۾ عهدي جي ناجائز استعمال ۽ پوليس جي هڪ طرفي ڪاروائي جو وڏو واقعو سامهون آيو آهي. ذريعن موجب اڄ ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر سنڌ عبدالفتاح شيخ پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺندي پنهنجي جونيئر آفيسر ڊپٽي ڊائريڪٽر عابد حسين چانڊيو تي بغير ڪنهن جواز جي قاتلاڻو حملو ڪيو. واقعي جي اطلاع تي عابد حسين چانڊيو پنهنجي جان بچائي فوري طور 15 تي پوليس کي مدد لاءِ فون ڪيو پوليس موقعي تي پهچي جوابدار عبدالفتاح شيخ کي حد جي ٿاڻي بوٽ بيسن تي پيش ڪيو پر الزام آهي ته بوٽ بيسن ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ جوابدار عبدالفتاح شيخ پاران آيل مٿان جي فونن تي دٻاءَ ۾ اچي مڪمل انصاف جي بدران متاثر ڌر سان ئي ناانصافي ڪئي. ايس ايڇ او ۽ ملڪ رياض مبينا طور تي بنا ڪنهن جاچ جي بيگناهه عابد حسين چانڊيو جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪري ٻئي ٿاڻي فيشر منتقل ڪري لاڪپ ڪرائي ڇڏيو شهرين ۽ سرڪاري ملازمن ان واقعي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هڪ طرف آفيسر عهدي جو غلط استعمال ڪري حملو ڪري ۽ ٻئي طرف پوليس طاقتور جي اشاري تي مظلوم کي ئي جيل ۾ وجهي رهي آهي هي قانون جي حڪمراني جو قتل آهي. متاثر عابد حسين چانڊيو جي وارثن ۽ سول سوسائٽي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سائوٿ ۽ سيڪريٽري ڪلچر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي اصل ڏوهاري عبدالفتاح شيخ خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ بيگناهه عابد چانڊيو کي فوري آزاد ڪري بوٽ بيسن جي ايس ايڇ او خلاف محڪماتي ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

د ڪئي وئي، جنهن ۾ لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر عبدالقادر جاگيراڻي، نائب صدر حنيف سهاڳ، جنرل سيڪريٽري طارق محمود دراني، خزانچي ظهير ابڙو، ورڪنگ ڪاميٽي جي ميمبرن ايم يونس ڏيٿو ظفرابڙو، سلامت ابڙو، سيد فهد شاهه سميت سينئر صحافي ڊاڪٽر مولا بخش ڪلهوڙو، محمد عاشق پناڻ، ياسين ابڙو، خان راجا مگسي، نادر مائري، محمد ادريس بلوچ، زين العابدين پناڻ، عبدالحفيظ منگي، شاهه محمد لاشاري، آزاد اڪبر هيسباڻي، محمود پناڻ، غلام النبي چانڊيو شفيق چانڊيو شبير مغيري، اسلم راجپوت، نصير محمد ڪهاوڙ، علي گل ڏيٿو ذيشان ڪوڪر، وسيم پٽو منير پيرزادو، نويد سومرو، مسعود ابڙو، مشتاق احمد ڪهڙو، جاويد جنجهوڙ، مبشر ڪوڪر، مدثر لاشاري، الطاف ولي ڪهاڙو، وقار ميمڻ، علي رضا شيخ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صدر لاڙڪاڻو پريس ڪلب عبدالقادر جاگيراڻي ۽ ٻين چيو ته ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صه جي آمد جي خوشي ملهائڻ اسان جي ايمان جو حصو آهي، جڏهن ته پاڻ ڪريم جن جي آمد جي خوشي الله پاڪ پڻ ملهائي آهي. هنن چيو ته مديني واري سائين جن جي آمد کان اڳ هي دنيا ڪفر ۽ اونداهي ۾ ٻڏل هئي، پر سائين جن جي اچڻ کان پوءِ هي سمورو جهان روشن ۽ منور ٿي ويو هوڏانهن ناليوارن نعت خوانن سيد فهد شاهه، نبيل محمود پناڻ، سيد اسد الله شاهه بخاري، فقير علي شير ٽگڙ حسيني ۽ ٻين عقيدت جا گل نڇاور ڪري محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو ٻي پاسي ميلاد جو لنگر تقسيم ڪيو ويو ۽ ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 25

ٽرڪٽ بار ايسوسيئشن لاڙڪاڻو جي صدر جاويد احمد بليدي، نائب صدر عامر عباسي، جنرل سيڪريٽري عامر علي سوهو خزانچي سيد محمد مهدي شاهه، سينيئر وڪيل رئوف ڪورائي، آفتاب احمد چانڊيو شهر جي پائيليٽ سڪول پهتي جتي گستا جي اڳواڻن پاران وڪيلن کي مان ڏيندي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو جتي هنن پرنسپال امتياز جتوئي سان ملاقات ڪري مقرري تي واڌايون ڏيڻ سميت گستا ۽ پرنسپال کي پاڪر پارايا ويا. ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن چيو ته پائيليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻو جي ماڊل ۽ تاريخي اسڪول آهي، جتي هزارين شاگرد تعليم پرائي رهيا آهن

بقايا عوامي سوچ 26

ان (SSPDSS)تحت ممتا پروگرام تي عملدرآمد، لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مؤثر رابطي ۽ پروگرام سان لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو.ان موقعي تي سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي شهيد بينظيرآباد جي هيڊ همايون شيخ پاران ممتا پروگرام جي مقصدن، مستحق ماڻهن تائين سماجي تحفظ جون سهولتون پهچائڻ ۽ Multidimensional Poverty Index (MPI)ذريعي مستحق خاندانن جي نشاندهي بابت بريفنگ ڏني ۽ هن ٻڌايو ته ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ ممتا پروگرام تحت ضلعي جي 57 صحت مرڪزن ۾ صحت جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته هن وقت تائين 16 هزار 917 عورتن جي رجسٽريشن ڪئي وئي آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ممتا پروگرام تحت رجسٽرڊ ڳورهاري عورتن کي ٻار جي پيدائش کان وٺي ٻار کي سمورا 10 حفاظتي ٽڪا لڳرائڻ تائين ٽن سالن دوران مجموعي طور 41 هزار رپيا امدادي رقم فراهم ڪئي ويندي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر صدام حسين ميمڻ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ممتا پروگرام تي مؤثر ۽ شفاف نموني عملدرآمد لاءِ ادارن وچ ۾ باهمي رابطا ڪاري کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي ۽ مستحق ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪرڻ دوران پيش ايندڙ رڪاوٽن کي ترجيحي بنيادن تي ختم ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ممتا پروگرام تحت حامل عورتن کي امدادي رقم ميرٽ جي بنياد تي بغير ڪنهن ڪٽوتي جي فراهم ڪئي وڃي. رقم ۾ ڪٽوتي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل آفيسرن کي ڪميونٽي آگاهي جا سيشن پڻ منعقد ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڏومڪي، ضلعي مئنيجر بي بي ايڇ آءِ ذاڪر حسين سمون، انفارميشن آفيسر اعجاز علي ٽيوٽو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا اسدالله، سرسو جي هيڊ ڪامران ڪيريو ان کان علاوه لوڪل گورنمينٽ، پاپوليشن، صحت ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 27

ي طرفان شام کان رات تائين معصوم ٻارڙي کي مسلسل ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۽ سول اسپتال جا چڪر ڪٽائيندا رهيا اسان شام کان سول اسپتال آيا سين جتي موجود عملي اسان کي ڊي ايڇ ڪيو روانو ڪيو / فوت ٿيل ٻارڙي جي ماءُ ذڪيه سرڪاري عملي اسان جو وقت ضايع ڪيو ۽ اعلاج نه ٿيڻ ڪري ٻارڙي فوت ٿي وئي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ روئيندا رهياسين پر اتي موجود عملو موبائيل هلائيندو رهيو ۽ ڪنهن به اعلاج نه ڪيو سرڪاري اسپتال ۾ ڪابه سهولت موجود ڪونهي معمولي بخار جو اعلاج ڪرائڻ آياسين پر ناهل عملي ٻارڙي جو اعلاج نه ڪيو فوري طور تي ڪرپٽ ۽ ناهل عملي خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ اسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

جشن عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ PMCاسپتال نوابشاهه ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ميلاد شريف جي شاندار محفل منعقد ڪئي وئي. ميلاد شريف جي محفل نماز مغرب ڪانپوءِ شروع ٿي، جيڪا رات دير تائين جاري رهي. محفل ۾ شهر ۽ شهر کان ٻاهر کان آيل مشهور نعت خوانن نعت رسول مقبول صه پيش ڪري شرڪت ڪندڙن جون دليون عشقِ رسول صه سان منور ڪري ڇڏيون. محفل ۾ اسپتال جي ملازمن، ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف، اسٽاف نرسن، آفيس ڪلارڪن، مريضن سان گڏ آيل اٽينڊنٽس ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايم ايس ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ، محمد سليم پٽي، ايم ايس پي اي وقار نائچ، ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه، معين چوهاڻ، غلام مصطفيٰ عباسي، غلام محمد شيخ، اياز چوهاڻ، حاجي نواز عبدالڪريم رند سميت مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي ميلاد شريف جي محفل کي منظم ڪندڙن ۾ پيپلز ميڊيڪل ونگ جو صدر ۽ سينيئر اڳواڻ مظهر علي عباسي، حاجي علي خان بگهيو ۽ امام دين سومرو شامل هئا. جڏهن ته سرور آريجو سيد نويد شاهه، ارشد عباسي، منصور علي عباسي، ارسلان عباسي، عابد راڄپر، ممتاز ڪيريو، حڪيم خاصخيلي، ممتاز بگهيو الطاف ڪوڪر، مير محمد ڏاهري، نويد ڪالرو، نياز منگي، سڪندر منگي، سيفل ڏاهري، امان الله عباسي، شهباز شيخ، ا، آصف ملاح، جاويد شيخ، اصغر ٻرڙدي، سجاد عباسي، ذوالفقار عباسي، صدر گورچاڻي، خالد سومرو، ظفر پٽي، محسن پناڻ، سيڪيورٽي سپروائيزر پريم ڪمار، ڪالوخيما، پطرس مسيح، امجد شيخ، فدا شيخ، يوسف مسيح ڪانداس ۽ ٻين دوستن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. محفل دوران مريضن جي جلد صحتيابي، سمورن مسلمانن جي سلامتي ۽ خوشحالي، سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ پوري پاڪستان جي امن، سلامتي ۽ استحڪام لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. آخر ۾ شرڪت ڪندڙن لاءِ ماني جو پڻ بندوبست ڪيو ويو جڏهن ته رات دير تائين جاري رهندڙ ميلاد شريف جي محفل عقيدت ۽ احترام سان اختتام پذير ٿي.

بقايا عوامي سوچ 29

خلاف سخت نعريبازي ضلعي هيڊڪوارٽر شهر قمبر ۾ بدامني ۽ ڦر جي وڌندڙ وارداتن خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا. شهرين پاران پوليس جي نااهلي خلاف احتجاج ڪندي ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي. مظاهرين موجب هٿيارٻند ڌوهارين شهري آڪاش چانڊيو کان نئين موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن ڪانپوءِ شهرين ۽ علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي. احتجاج ڪندڙن قمبر پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته شهر ۾ بدامني وڌندي پئي وڃي جڏهن ته پوليس امن امان جي صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي. مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس جي نااهلي جي قيمت قمبر جي پرامن شهري ڀوڳي رهيا آهن شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا ۽ ڏينهن ڏٺي جو به ڦرون ٿيڻ معمول بڻجي ويون آهن. احتجاج ڪندڙن سنڌ جي گهرو وزير ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قمبر ۾ وڌندڙ بدامني جو فوري نوٽيس وٺي، ڦر جون وارداتون ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪري شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 30

يار جي سربراهي ۾ پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪندي 1010 گرام چرس ، 94 ڪلو خام مال،5390 عدد گهٽڪا ، 640 عدد مين پڙي ۽ منشيات سپلائي ۾ استعمال ٿيندڙ 2 عدد رڪشا هڪ بولان گاڏي هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جڏهن ته 11 جوابدارن محمد نديم ، ارسلان عرف شفن ،محمد زين ، نويد ،سجاد علي، عبدالڪريم ۽ ٻين کي گرفتار ڪري منشيات ايڪٽ تحت 13 ڪيس داخل ڪري ورتا آهن ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه جو چوڻ آهي ته ضلعي ۾ زيرو ٽالرينس پاليسي تحت منشيات فروشن خلاف ڪاروائيون جاري رکيون وينديون.

بقايا عوامي سوچ 31

چيف اي اين ٽي اسپيشلسٽ جي عهدي تي ترقي ڏني وئي آهي، جنهن تي ڊاڪٽر صولت جعفري جي دوستن ۽ سڃاڻپ وارن ڪيس ترقي ملڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي آهي

بقايا عوامي سوچ 32

، نشي جون انجيڪشنون، شراب، گٽڪو ۽ ٻيون نشي آور شيون نه رڳو انساني صحت کي تباهه ڪن ٿيون، پر خاندانن، تعليم، روزگار ۽ سماج تي به سنگين اثر وجهن ٿيون. هيروئن ۽ آئس جهڙيون خطرناڪ منشيات جسم ۽ دماغ تي انتهائي خراب اثر ڇڏين ٿيون، جڏهن ته نشي جون انجيڪشنون غير محفوظ طريقي سان استعمال ڪرڻ سان ايڊز ۽ هيپاٽائيٽس سميت رت ذريعي منتقل ٿيندڙ سنگين بيمارين جو خطرو وڌي سگهي ٿو. مسلسل نشي سبب جگر، گردن ۽ ٻين اهم عضون کي به نقصان پهچي سگهي ٿو. شراب جو وڌندڙ استعمال جگر کي سخت نقصان پهچائڻ سان گڏ دماغي توازن ۽ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت متاثر ڪري سگهي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ روڊ حادثن ۽ ٻين خطرناڪ واقعن جو خطرو وڌي وڃي ٿو. گٽڪو ۽ ٻيون تمباڪو واريون شيون وات، ڏندن ۽ مسوڙن کي نقصان پهچائڻ سان گڏ وات جي ڪينسر جو خطرو به وڌائين ٿيون. سڀ کان وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن منشيات ٻارن ۽ نوجوانن تائين پهچڻ شروع ٿي وڃن ته اهو مستقبل جي نسل سان وڏو ظلم آهي. منشيات جي عادت سبب خاندانن ۾ تڪرار وڌن ٿا، معاشي حالتون خراب ٿين ٿيون، چوري ۽ ٻين ڏوهن جو خطرو وڌي سگهي ٿو. جڏهن ته نوجوانن جي تعليم، روزگار ۽ روشن مستقبل تي به خراب اثر پوي ٿو. شهرين جو مطالبو آهي ته جامشورو ضلعي ۾ منشيات جي وڪري ۽ فراهمي خلاف سخت ۽ غيرجانبدار ڪاروائي ڪئي وڃي، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ آگاهي مهم هلائي وڃي ۽ نوجوانن کي راندين، تعليم ۽ مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. منشيات کان پاڪ جامشورو ئي صحتمند ۽ محفوظ مستقبل جي ضمانت آهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

گهاروءَ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ منشيات جي ناسور خلاف ايس ايڇ او گهارو فدا حسين خاصخيلي پاران سخت آپريشن شروع

آئيس جي ڊيلرن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪيل ان ڪريڪ ڊائون دوران پوليس ڪيترن ئي بدنام آئيس ڊيلرن کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس جي سخت تحرڪ سبب ڪيترائي منشيات فروش گهارو شهر ڇڏي فرار ٿي ويا آهن ايس ايڇ او

اسان منشيات جي موذي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف ڏينهن رات آپريشن ڪري رهيا آهيون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گهاروءَ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ منشيات جي ناسور خلاف ايس ايڇ او گهارو، فدا حسين خاصخيلي پاران سخت آپريشن شروع ڪيو آهي. آئيس جي ڊيلرن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪيل ان ڪريڪ ڊائون دوران پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1



انسپيڪٽر بي سيڪشن محمد حنيف مهر پنهنجي عملي سميت هڪ جوابدار رياض احمد رند ولد علي گل رند کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس جي بعترين ڪارروائي ايس ايس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ميمڻ هسپتال واري گلي سميت ٻين علائقن ۾ دڪاندارن پاران ڪيل غيرقانوني حدخلين کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم ڪورٽ سگهوري جي حڪم تي اسسٽنٽ ڪمشن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

هيڊ ڪانسٽيبل اسلم ڏيروءَ ٻئي عملي سان گڏ لانجواڻي موڙ ويجهو گشت

گشت دوران هٿياربند پوليس پاران شڪي ماڻهن سمجهي ڪين للڪاريو جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي

پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ جوابدار راهب علي ولد محمد موسيٰ ڪوري کي زخمي حالت ۾ گرفتار

گرفتار ڪري سنڌس وٽان 30 بور جي پستل برمد ڪئي جڏهن ته ٻيا 2 جوابدار هڪ افضل ولد محمد بچل پنهور ۽ راجا مري شامل هئا

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم ايس ايس پي (SSP)سانگهڙ ۽ ايس ڊي پي او (SDPO)ٽنڊو آدم جي هدايتن تي، ايس ايڇ او (SHO)ٽنڊو آدم ستي عمران اختر چانڊيو، اي ايس آءِ (ASI)اميد علي خاصخيلي (انچارج ايگ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٽڙ ۾ برساتون پوڻ جي ڪري مالهي ۽جاني نقصان نتهائي افسوسناڪ دل ڏاريندڙ واقعو سامهون

اسلام ڪوٽ لڳ ڳوٺ وي هنگورجا ۾ 18 سال جوابوبڪر ولد محمد اسماعيل هنگورجو فوت

ابوبڪر جو لاش کهر پهچڻ سان ڪهرام مچي ويو ۽ جنازي نماز ۾ هزار ماڻهو شامل هئا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ امان الله هنگورجو) ٽر ۾ برساتون پوڻ جي ڪري مالهي ۽جاني نقصان نتهائي افسوسناڪ دل ڏاريندڙ واقعوسامهون آهيوآه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

عوام جي مسئلن کي سندن گهرن جي در تي حل ڪيو ويندو : ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر

ڊي سي آفيس توڙي عوامي مسئلن سان لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪيا ويندا

جيڪي روزانو بنيادن تي ماڻهن جي مسئلن ۽ شڪايتن کي ٻڌندا ۽ انهن جي حل لاءَ ڪنيل قدمن بابت ڊي سي آفيس کي رپورٽ موڪليندا

اچوڪي ڪليل ڪچهري لڳائڻ جو مقصد اهو آهي ته غريب عوام سان ملي سندن مسئلا معلوم ڪجن ۽ انهن جي حل لاءِ موقعي تي ڪارروائي ڪجي

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چيو آهي ته عوام جي مسئلن کي سندن گهرن جي در تي حل ڪيو ويندو ۽ ان ڏس ۾ ضلعي انتظاميه پاران هڪ حڪمت عملي جوڙي ٻئي وڃي جنهن تحت ڊي سي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ناجيا شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف، يونٽ خانصاحب عبدالرحمان جي اهتمام هيٺ تقريب

جنهن ۾ علماءِ ڪرام، نعت خوانن، سماجي ۽ ديني شخصيتن، تنظيم جي عهديدارن ۽ عاشقانِ رسول صه وڏي انگ ۾ شرڪت

محفلِ ۾ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد دائود جت نعيمي صاحب خصوصي شرڪت فرمائي

حضرت محمد مصطفيٰ صه جي سيرتِ طيبه، اخلاقِ حسنہ، رحمت، محبت ۽ انسانيت لاءِ ڏنل عظيم تعليمات تي روشني وڌي

بدين (رپورٽ رجب راهمون) ناجيا شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف، يونٽ خانصاحب عبدالرحمان جي اهتمام هيٺ جشنِ عيد ميلاد النبي صه جي سلسلي ۾ هڪ انتهائي پُروقار، روح پرور ۽ ايمان افروز محفلِ ميلاد جامع مسجد نورِ مص/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

اڏيرولال لڳ ڳوٺ نوبت مري جي گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل

شاگرديائڻين آمنہ خاصخيلي عاشاخاصخيلي ڪلثوم ڪوسو ۽ ٻين احتجاج

اسان جي اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل آهي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ ٻه روزجا معمول بڻيل آهن

نہ اسڪول ۾ واشروم جي سهولت آهي نہ پيئڻ جي پاڻي جي اسڪول ۾ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي

اوڏيرولال (رپورٽ, ثاقب نور ساهووال)اڏيرولال لڳ ڳوٺ نوبت مري جي گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل شاگرديائڻين آمنہ خاصخيلي عاشاخاصخيلي ڪلثوم ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي اسڪول جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

گورنمينٽ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول ۾ تدريسي عمل سخت متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون

اسڪول ۾ مقرر استاد باقاعدگي سان اسڪول نٿا اچن. ڪڏهن اچن ٿا تہ ڪڏهن غير حاضر رهن ٿا

جنهن سبب معصوم ٻار تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم ٿي رهيا آهن

استاد جيڪڏهن اسڪول اچن به ٿا ته ٻارن کي مناسب طريقي سان پڙهائڻ ۽ مقرر وقت مڪمل ڪرڻ بدران وقت کان اڳ اسڪول مان روانا ٿي وڃن ٿا

بدين (رجب راهمون) سيراڻي لڳ يونين ڪائونسل پير فتح شاه جي ڳوٺ ڪريم ڏنو موسيپوٽو ۽ ڳوٺ هوت موسيپوٽو جي گورنمينٽ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول ۾ تدريسي عمل سخت متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ايف اي ايس پاتہ هاءِ اسڪول بدين ۾ يومِ دفاع جي پروقار تقريب

يومِ دفاع پاڪستان جي موقعي تي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن ڀرپور شرڪت ڪئي

عبدالخالق ۽ ٻيا استاد پڻ موجود هئا. آخر ۾ پاڪستان جي سلامتي، امن ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعا گهري وئي

بدين(رجب راهمون) ايف اي ايس پاتہ هاءِ اسڪول بدين ۾ يومِ دفاع جي پروقار تقريب بدين: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومتِ سنڌ جي سهڪار سان هلندڙ ايف اي ايس پاتہ هاءِ اسڪول بدين ۾ يومِ دفاع پاڪستان جي موقعي تي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن ڀرپور شرڪت ڪئي تقريب ۾ شاگردن تقريرون، ملي نغما ۽ مختلف پروگرا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

بدين ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي صدارت هيٺ ضلعي آفيسرن سان ڪوآرڊينيشن گڏجاڻي

عدالتن ۾ ميرٽ، قانون ۽ دستياب شاهدين جي بنياد تي فيصلا ڪيا ويندا آهن

قانون کان مٿانهون ڪير بہ ناهي ۽ هر شخص کي قانون جي دائري ۾ رهڻو پوندو

بدين (رجب راهمون) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين عبدالقدوس ميمڻ جي صدارت هيٺ سيشن ڪورٽ جي ڪانفرنس هال ۾ ضلعي جي سمورن کاتن جي آفيسرن سان ڪوآرڊينيشن گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صحت، رويني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11



مٺي لڳ ڳوٺ ڪپوسر جي پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول جي زبون حالت

اسڪول جا ڇاپر ڪرڻ لڳا, نقصان ٿيڻ جو خدشو موجود

اسڪول جا ڪمرا زبون هئڻ سبب شاگرد ڪمرن کان ٻاهر وڻن هيٺ شديد گرمي ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) مٺي لڳ ڳوٺ ڪپوسر جي پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول جي زبون حالت, اسڪول جا ڇاپر ڪرڻ لڳا, نقصان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

دادو: قتل ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ 18 ورهين جي ناري مبينا اغوا، وارثن جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پوليس ڪيس داخل نہ ڪيو، بااثر جوابدار قانون کان آجا آهن، اغوا ڪيل ناري کي فوري بازياب ڪرايو وڃي: وارث

ذميوارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو پرسان ڳوٺ جمع خان ڇهواڻ جي رهواسين قتل ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ 18 ورهين جي ناري کي مبينا طو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

قائد ملت جعفريہ علامہ سيد سيد علي نقوي جو اهم بيان نبين جي سرزمين رتو رت

قائد ملت جعفريہ علامہ سيد سيد علي نقوي جو اهم بيان نبين جي سرزمين رتو رت

قائد ملت جعفريہ پاڪستان هاڻي ڳالهہ مذمتي بيانن ۽ قراردادن کان اڳتي وڌي چڪي آهي

(رپورٽ ڪاشف علي رند) قائد ملت جعفريہ علامہ سيد سيد علي نقوي جو اهم بيان نبين جي سرزمين رتورت، سامراج ۽ صهيوني ظالم جا / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

سنڌھ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ جي ماروي ريسٽ هائوس ۾ فائر سيفٽي بابت تربيتي مشق جو سيشن منعقد

انچارج روهيت ڪمار سميت سموري عملي کي باهہ وسائڻ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ بابت عملي تربيت ڏني

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) سنڌھ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ جي ماروي ريسٽ هائوس ۾ فائر سيفٽي بابت تربيتي مشق جو سيشن منعقد ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سنڌ جي ورهاست تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ٿيندو: بئريسٽر پير مجيب الحق

12 سيپٽمبر تي دادو مان طاقتور پيغام ڏنو ويندو

پيپلز پارٽي سنڌ جي وحدت، سلامتي ۽ حقن جي تحفظ لاءِ هر سطح تي جدوجهد جاري رکندي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) سنڌ جي امڪاني ورهاست خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي اهم گڏجاڻي ضلعي صدر ۽ ايم پي اي بئريس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

روهڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران تعلقہ اسپتال جو اوچتو دورو، فائر سيفٽي انتظامن جو جائزو

هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظاميا پاران سرڪاري ادارن ۾ حفاظتي انتظامن جو جائزو وٺڻ جو سلسلو جاري

گڏريل ڏينهن ريسڪيو 1122 جي ٽيم سان گڏ هيڊ ڪوارٽر تعلقہ اسپتال روهڙي جو اوچتو دورو ڪيو

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران تعلقہ اسپتال جو اوچتو دورو، فائر سيفٽي انتظامن جو جائزو، غفلت برداش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

دادو ۾ جونيئر سائنس ٽيچر 40 مارڪون رکندڙ اميدوارن جو احتجاج

اميدوار گڏريل 3 مهينن کان احتجاج ڪيون پيا پر اسان جا احتجاج سنڌ حڪومت کي نظر نہ پيا اچن

اڄ اهي ٽيسٽ ڏيندڙ استاد پنهنجي حقن خاطر رستن تي احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو ۾ جونيئر سائنس ٽيچر 40 مارڪون رکندڙ اميدوارن پارس خاصخيلي، شهزاد لغاري، فهيم لغاري ،سجاد سها/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو پريس ڪلب ضلع دادو

پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي مبينا لاپرواهي، مڪلي ۽ جهمپير جا آر او پلانٽ ناڪارہ ٿيڻ لڳا

مڪلي ۽ ڪوهستاني علائقي جهمپير ۾ قائم آر او پلانٽ زبون حالي جو شڪار ٿي ويا

پلانٽن تي مقرر آپريٽر پڻ ڪيترن ئي مهينن کان پگهارن کان محروم آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي مبينا لاپرواهي، مڪلي ۽ جهمپير جا آر او پلانٽ ناڪارہ ٿيڻ لڳا. ٺٽي ۾ پبلڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14



حادثي ۾ فوت ٿي ويل 6 ڄڻن جا جنازا هڪ ئي وقت هڪ ئي ڳوٺ حاجي محمد عيسيٰ پنهور مان کڄڻ وقت هر اک آلي

سوڳ وارو ماحول ڇانيل. وارثن کي بيهوشي جا دورا

انتظاميہ توڙي چونڊيل نمائندن متاثر خاندان جي ڪا بہ پوئيواري نہ ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي لڳ پير جو ڳوٺ وٽ ٽريڪٽر ٽرالي جي بجلي جي تارن سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيل افسوسناڪ حادثي ۾ فو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ملڪ نواز نوجوان بيروزگار اتحاد، ضلعو ٺٽو، گذريل 13 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل

ملڪ نواز نوجوان بيروزگار اتحاد، ضلعو ٺٽو، گذريل 13 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل

افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ايم پي اين، ايم اين ايز ۽ ڊي سي ٺٽو جي خاموشي نوجوانن سان وڏي ناانصافي جي برابر آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ملڪ نواز نوجوان بيروزگار اتحاد، ضلعو ٺٽو، گذريل 13 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل آهي. هن احتجاج جو بنيادي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

پارڪو آئل چوري ڪيس ۾ اهم اڳيرائي، عدالت 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪري ڇڏيون

ضمانتون رد ٿيڻ بعد جوابدارن کي جيل موڪلڻ جو حڪم، ڪيس ۾ غفلت جي الزام هيٺ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي بہ ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ وٺي ڇڏيو

دادو ۾ پارڪو آئل چوري ڪيس ۾ اهم اڳيرائي سامهون آئي آهي، دادو جي عدالت پاران 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪرڻ بعد ڪين جيل موڪلڻ جو حڪم

ڪيس ۾ مبينا غفلت ڪندڙ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي بہ ڪورٽ ڪسٽڊي ۾ ورتو ويو آهي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنہ) پارڪو آئل چوري ڪيس ۾اهم اڳيرائي، عدالت 6 جوابدارن جون ضمانتون رد ڪري ڇڏيون، ضمانتون رد ٿيڻ بعد جوابدارن کي جيل موڪلڻ جو حڪم، ڪيس ۾ غفلت جي الزام هيٺ 4 اڳوڻن ايس ايڇ اوز کي بہ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

بوٽ بيسن ايس ايڇ او ملڪ رياض جو انوکو ڪارنامو اعلا آفيسرن جي ونگار وهڻ

عهدي جو ناجائز فائدو: ڊي جي ڪلچر فتاح شيخ جو جونئر آفيسر تي قاتلاڻو حملو متاثر کي انصاف بدران جيل

ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ ۾ عهدي جي ناجائز استعمال ۽ پوليس جي هڪ طرفي ڪارروائي جو وڏو واقعو سامهون آيو آهي

بيگناهہ عابد چانڊيو کي فوري آزاد ڪري بوٽ بيسن جي ايس ايڇ او خلاف محڪماتي ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) بوٽ بيسن ايس ايڇ او ملڪ رياض جو انوکو ڪارنامو اعلا آفيسرن جي ونگار وهڻ عهدي جو ناجائز فائدو: ڊي جي ڪلچر فتاح شيخ جو جونئر آفيسر تي قاتلاڻو حملو متاثر کي انصاف بدران. جيل ڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

لاڙڪاڻو پريس ڪلب طرفان 12 ربيع الاول جشن عيد ميلاد النبي صہ جي مناسبت سان محفل نعت منعقد

مدثر لاشاري، الطاف ولي کهاڙو، وقار ميمڻ، علي رضا شيخ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي آمد جي خوشي ملهائڻ اسان جي ايمان جو حصو آهي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻو پريس ڪلب طرفان 12 ربيع الاول جشن عيد ميلاد النبي صہ جي مناسبت سان محفل نعت منعق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

پائليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۽ پرنسپال وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪاميابي ماڻي ورتي

پائليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۽ پرنسپال وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪاميابي ماڻي ورتي

جتي گسٽا جي اڳواڻن پاران وڪيلن کي مان ڏيندي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو

جتي هنن پرنسپال امتياز جتوئي سان ملاقات ڪري مقرري تي واڌايون ڏيڻ سميت گسٽا ۽ پرنسپال کي ٻاڪر پارايا ويا

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالستار سيال) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو پاران گسٽا يونٽ پائليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۽ پرنسپال وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪاميابي ماڻي ورتي. ان سلسلي ۾ ڊس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

اي ڊي سي شهيد بينظير آباد جي صدارت هيٺ ممتا پروگرام بابت ضلعي رابطا ڪميٽي جو تعارفي اجلاس

ممتا پروگرام کي مڪمل طور فعال بڻايو وڃي، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت

اجلاس دوران (SSPDSS)تحت ممتا پروگرام تي عملدرآمد، لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مؤثر رابطي ۽ پروگرام سان لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو

ضلعي شهيد بينظير آباد ۾ ممتا پروگرام تحت ضلعي جي 57 صحت مرڪزن ۾ صحت جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

نوابشاهہ (رپورٽر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد صدام حسين ميمڻ جي صدارت هيٺ ممتا پروگرام بابت ضلعي رابطا ڪميٽي جو تعارفي اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس دور/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

نوابشاهہ: اي ڊي سي شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ ممتا پروگرام بابت ضلعي رابطا ڪميٽي جو تعارفي اجلاس ڪندي

ٽنڊوالهيار ۾ علاج نہ ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙي فوت، وارثن جو احتجاج

سرڪاري عملي اسان جو وقت ضايع ڪيو ۽ علاج نہ ٿيڻ ڪري ٻارڙي فوت ٿي وئي: فوت ٿيل ٻارڙي جي ماءُ

فوري طور تي ڪرپٽ ۽ نااهل عملي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اسان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

نااهل عملي ٻارڙي جو علاج نہ ڪيو فوري طور تي ڪرپٽ ۽ نااهل عملي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اسان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال ۾ علاج نہ ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙي فوت، وارثن جو احتجاج. سول اسپتال ٽنڊوالهيار ۾ معمولي بخار سبب آيل يوسي مسو بوزدار جي ڳوٺ ميٺو گجر مان آيل ماءُ سخت احتجاج ڪيو ڊاڪٽرن ۽ عمل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

پي ايم سي اسپتال ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي شاندار محفل، اسپتال جي ملازمن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت

PMCاسپتال نوابشاهہ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ميلاد شريف جي شاندار محفل منعقد ڪئي وئي

ميلاد شريف جي محفل نماز مغرب ڪانپوءِ شروع ٿي، جيڪا رات دير تائين جاري رهي

محفل ۾ شهر ۽ شهر کان ٻاهر کان آيل مشهور نعت خوانن نعت رسول مقبول صہ پيش ڪري شرڪت ڪندڙن جون دليون عشقِ رسول صہ سان منور ڪري ڇڏيون

نوابشاهہ (رپورٽر) پي ايم سي اسپتال ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي شاندار محفل. اسپتال جي ملازمن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت خبر موجب پيپلز ميڊيڪل ونگ، پي ايم سي اسپتال نوابشاهہ جي طرفان هر سال جيان هن سال بہ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

نوابشاهہ: پي ايم سي اسپتال ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي شاندار محفل. اسپتال جي ملازمن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت ڪئي

قمبر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شهرين جو احتجاج، پوليس خلاف نعريبازي

قمبر (رپورٽر) قمبر ۾ بدامني خلاف شهرين جو احتجاج ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ. پوليس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ٽنڊوالهيار پوليس پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ڊي آئي جي حيدرآباد رينج جي هدايتن تي ايس ايس پي ٽنڊوالہ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

حيدرآباد جي معروف اي اين ٽي سرجن ڊاڪٽر صولت جعفري کي 20 گريڊ ۾ ترقي ڏئي چيف اي اين ٽي اسپيشلسٽ مقرر

ڊاڪٽر سيد صولت علي جعفري کي اي اين ٽي اسپيشلسٽ 19 گريڊ مان ترقي ڏئي 20 گريڊ ۾ چيف اي اين ٽي اسپيشلسٽ جي عهدي تي ترقي ڏني وئي

جنهن تي ڊاڪٽر صولت جعفري جي دوستن ۽ سڄاڻپ وارن کيس ترقي ملڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي آهي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيدرآباد جي معروف اي اين ٽي سرجن ڊاڪٽر صولت جعفري کي 20 گريڊ ۾ ترقي ڏئي چيف اي اين ٽي اسپيشلسٽ مقرر ڪيو ويو آهي. حڪومت سنڌ جي سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن کاتي جي اعلاميئي موجب صوبائي سليڪشن بورڊ جي سفارش تي ڊاڪٽر سيد صولت علي جعفري کي اي اين ٽي اسپيشلسٽ 19 گريڊ مان ترقي ڏئي 20 گريڊ ۾ / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31



ڄامشورو ۾ منشيات جو آزار، نوجوان نسل جو مستقبل خطري ۾

منشيات جي عادت سبب خاندانن ۾ تڪرار وڌن ٿا، معاشي حالتون خراب ٿين ٿيون، چوري ۽ ٻين ڏوهن جو خطرو وڌي سگهي ٿو

ڄامشورو ضلعي ۾ منشيات جي وڪري ۽ فراهمي خلاف سخت ۽ غيرجانبدار ڪارروائي ڪئي وڃي: مطالبو

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ منشيات جو وڌندڙ ناسور، نوجوان نسل جو مستقبل خطري ۾. ڄامشورو: منشيات ۽ نشي آور شين جو وڌندڙ استعمال نوجوان نسل لاءِ انتهائي خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري رهيو آهي. هيروئن، آئ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32